
(گڏيل شاعري)
وڻ
وڻ
منجهان
واس
مرتب: گهايل لغاري
زين کوسو

# وڻ وڻ منجهان واس

(گڏيل شاعري)

مرتب:
**گهايل لغاري**
**زين کوسو**

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

ڊجيٽل ايڊيشن:
2020ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## ڪتاب نمبر 138

حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: **وڻ وڻ منجهان واس**
موضوع: گڏيل شاعري
سهيڙيندڙ: **گهايل لغاري/زين کوسو**
ڇاپو پهريون: ڊسمبر 2018ع
ڪمپوزنگ@ٽائيٽل: سعيد سومرو
ڇپيندڙ: **سمبارا** پبليڪيشن
سيد آرڪيڊ آفيس نمبر 8 عبرت گهٽي گاڏي کاتو حيدرآباد
**03003513966**
ڊجيٽل ايڊيشن: 2020ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر
**books.sindhsalamat.com**
**مُلهه: 240 روپيه**

WAN WAN MANJHAN WAS
(Joint Poetry)
Collected: GHAYAL LEGHARI/ZAIN KHOSO
Sambara Publication Hyderabad
03003513966

## ڪتاب ملڻ جا هنڌ:

ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب، حيدرآباد.
سمباره/ڪنول بڪ شاپ، سيد آرڪيڊ، گاڏي کاتو- حيدرآباد.
رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو – سليمان برادرس، نواب شاهه
انڊس ويلي بڪ شاپ، دادو – مدني بڪ اسٽور، دادو
سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر - ٽرڪتاب گهر، مٺي.
ڪويتا ڪتاب گهر، حيدرآباد. تهذيب بڪ اسٽور، خيرپورميرس– مهراڻ
ڪتاب گهر، سانگهڙ، سراج بڪ اسٽور، قنبر

# ارپنا

ڪاڇي جي سونهن ۽ سڃاڻپ

## طالب لغاري

۽

## جاني اسحاق ملاح

جي نانءُ

لَڏيندي لباسُ، جتن جيڏو ئي ڪيو،
اڇي آريءَ چام جو، وڻ وڻ منجهان واسُ،
مِرون ڪِينمَ ماسُ، هَڏَ هلندا هوتَ ڏي.
(شاهہ لطيف)

# سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”وڻ وڻ منجهان واس“** اوهان اڳيان حاضر آهي. هي ڪتاب ڪاڇي (جوهيءَ) جي شاعرن مير محرم لغاري، خادم  حسين جسڪاڻي، سڪندر اُداس لُنڊ، زين ڪوسي ۽ گهايل لغاريءَ جي شاعريءَ جو گڏيل مجموعو آهي. ڪتاب جي سهيڙ گهايل لغاري ۽ زين ڪوسي ڪئي آهي. علي دوست عاجز لکي ٿو:

”ڪاڇي (جوهي) جي خوبصورت شاعرن جِي شاعريءَ جو هي مجموعو ڏسي، مون جڏهن ان جي ورقن کي وَرائڻ شروع ڪيو، تڏهن منهنجي اندر جون سموريون دريون، هڪ هڪ ٿي ڪاڇي ڏانهن کُلڻ لَڳيون، جن مان ڪاڇي جا اُنا، توڙي اڻ اُنا واسَ ساهَن کي واسَڻ لڳا_ مون خيال ئي خيال ۾، هڪ هڪ نظاري کي، اهڙي ته احترام سان، اکين سان لائي، چپن سان چُميو، جيئن ماڻهو، خانهءِ ڪعبه جي ڪُنڊ ۾ لڳل حجر اَسود کي چُمندا آهن. ڪاڇو به ته ائين ئي، حجر اَسود وانگر ڪير ٿر جبل جي ڪڇ ۾ رکيل پَٽن، پوٺن، وارِي ۽ ٿاڪرِ وارو علائقو وارِي ۽ ٿاڪرِ وارو آهي!“

هي ڪتاب سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد پاران 2018ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون غلام حيدر گهايل جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# سٽاءُ


| | | |
|---|---|---|
| اداري پاران: | ساجد سنڌي | 08 |
| مهاڳ: جوهيءَ جا جَر قُل! | علي دوست عاجز | 09 |

**گڏيل شاعري:**

- ❖ مير محرم لغاري 21
- ❖ خادم حسين جسڪاڻي 43
- ❖ سڪندر اُداس لُنڊ 65
- ❖ زين ڪوسو 87
- ❖ گهايل لغاري 109

# اداري پاران

موجوده دور ۾ شاعرن جو وقت بوقت وڏندڙ ڳاٽيتو نهايت خوش آئيند ۽ وقتائتو ان ڪري بہ آهي جو سنڌ جو باشعور نوجوان طبقو پنهنجي تخليقي ۽ تعميري صلاحيتن کي اجاڳر ڪرڻ جو فن خوب ڄاڻي ٿو. اهوئي سبب آهي جو گذريل ٿوري عرصي ۾ خاص طور گڏيل شاعرن جي شاعري جا ججها ڪتاب منظر عام تي اچي چڪا آهن ۽ انهن کي ڀرپور موٽ بہ ملي آهي. جنهن جو ڪريڊٽ انهن سهيڙيندڙ جوهري تخليقڪار ڏانهن ئي وڃي ٿو، جيڪي جديد شاعرن جي موتين مالها کي پوئي هڪ خوبصورت هار جي شڪل ۾ اسان سامهون آڻين ٿا. سنڌي ٻوليءَ جي بهترين سرجڻهارن گهايل لغاري ۽ زين ڪوسي جو ترتيب ڏنل هي ڪتاب ”وڻ وڻ منجهان واس“ پڻ ساڳئي تسلسل جي هڪ ڪڙي آهي. جنهن ۾ ٻنهي ليکارين سنڌي شاعريءَ مان پاڻ سميت ٽي ڀيا چونڊ شاعر گڏ ڪري اهڙو گلدستو جوڙيو آهي، جنهن جي مختلف ۽ دلفريب مهڪ جو هڳاءُ يقينن پڙهندڙن جي ذهني وسعتن کي سيراب ڪرڻ جي سگهہ سان سرشار آهي.

هن ڪتاب ۾ شامل هڪ هٽ جي آڳرين جيترن سنڌ جي ڀلوڙ شاعرن هر هڪ مير محرم لغاري، خادم حسين جسڪاڻي، سڪندر اداس لنڊ، زين ڪوسي ۽ گهايل لغاريءَ جي شاعريءَ ۾ عميق احساسن جي اپٽار سميت فڪري ۽ فني خوبين جا ڪرشا زندگيءَ جي معاشرتي پهلوئن جي ڀرپور عڪاسي ڪن ٿا تہ داخلي ڪيفيتن کي بہ پنهنجي ڍنگ سان نمودار ٿي پنهنجي ڀرپور موجودگيءَ جو احساس جتائين ٿا. سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي خدمت لاءِ پاڻ پتوڙڻ جو جذبو رکندڙ هن ٻنهي ڪوتاڪارن گهايل لغاري ۽ زين ڪوسي جي محبتن ۽ محنتن تي ڪين جس ڏيڻ گهرجي، جن پاڻ سميت پين ساٿي شاعرن کي بہ اتساهہ بخشيندي ايڏو مانُ ڏئي سندن ڪوتائن کي نہ فقط منظر عام تي آندو پر هميشہ لاءِ محفوظ پڻ ڪري ورتو. اميد تہ سندن هن پهرين اشاعتي وک کي ساڳي محبتي موٽ سان نوازيو ويندو.

**ساجد سنڌي**

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

مهاڳ

# جوهيءَ جا جَر ڦُل!

ڪاڇي (جوهي) جي خوبصورت شاعرن جِي شاعريءَ جو هي مجموعو ڏسي، مون جڏهن ان جي ورقن کي وَرائڻ شروع ڪيو، تڏهن منهنجي اندر جون سموريون دريون، هڪ هڪ ٿي ڪاڇي ڏانهن کُلڻ لَڳيون، جن مان ڪاڇي جا اُنا، توڙي اڻ اُنا واسَ ساهَن کي واسڻ لڳا. مون خيال ئي خيال ۾، هڪ هڪ نظاري کي، اهڙي تہ احترام سان، اکين سان لائي، چپن سان چُميو، جيئن ماڻهو، خانہِ ڪعبہ جي ڪُنڊ ۾ لڳل حجر آسود کي چُمندا آهن. ڪاڇو بہ تہ ائين ئي، حجر آسود وانگر ڪير ٿر جبل جي ڪڇ ۾ رکيل پٿن، پوٺن، واري ۽ ٿاڪرِ وارو علائقو واري ۽ ٿاڪرِ وارو آهي!

ڪاڇو ڪيترن ئي زمانن کان، ڪيرٿر جِي ڳچيءَ ۾ پاسي تي پرت پريل پهراڻ وانگر پيل آهي، جنهن تي ٿاڪيل ڪاوَن جا، هاڻ رڳو نشان وڃي بچيا آهن. ۽ پرت ڪڏهوڪو اُڏري، اُجڙي چڪو آهي. اُجارا هرڻ رُجن ۾ ڏُکي ڏُکي ملوڪن جو شڪار ٿيندا پيا وڃن. ڪُونجن جا ڪرڳل سُٽيي سال لڳيو وڃن. سرنهُن جي مُند ۾، تلُورن جي تاڙَ ۾ ويٺل عرب شهزادن جا خيما، ايئن ڪوڙجي ويندا آهن، جهڙا مِنا ۾ مسافر حاجين جا تنبو هجن!

سچ بہ، ڪاڇي جي ڏرا ڏئي ويل اکين سان اکيون ڪير ملائي! ڪاڇي کي رُڳو ڪڪرن جي بيوفائيءَ جو ارمان ڪونهي، پر انهن پکين ۽ وڻن جو بہ افسوس آهي، جيڪي وڏجي، وِڪامجي، سڙي سُڪي ويا ۽ پکي الائجي ڪيڏانهن اُڏاڻا هليا ويا!

ماڻهو ۽ مال آهن پاڻيءَ سان. پکي ۽ پريت آهي وري ماڻهوءَ سان! گاج (نئن) کي الائي ڪهڙو غم کائي ويو! ڊِلان، ٻُوري، سالاري، سول ۽ ٻيون سوين اُجاريون نديون (نيُون) واري ۾ وات وجهيو، آڌ مُيون ٿيِ، پٽن جي پاسن ۾، پيٽ اُگهاڙيون پيون آهن.

**نديُن ننگا ٿيو پيون، پاڻيءَ ڏاران پيٽ!**

ندين جو پيٽ، پاٽي ئي تہ ڏيکيندو آهي! جي ساهہ سنگتياٽيءَ سان ٿو سُونهين، تہ درياهہَ بہ پاٽيءَ سان ٿا نهن!

آءٌ سوچيندو آهيان، ٿَر جي پِٽُن کي تہ ڪيئي پاڻَ مليا آهن، مائي پاڳيءَ کان وٺي مائي ڏائِي تائين. مراد فقير کان وٺي صادق فقير تائين، موهن کان وٺي شفيع فقير ۽ رفيق فقير تائين! پر ڪاڇي جو ڪير هو!؟

توڙي جو اهڙي ڳالهہ بہ ڪانهي، جو ڪنهن وڍيل جي وايُن ۽ ڪُنلِ جي ڪُوڪن کي، ڪَنايو نہ هُجي. ايئن لڳندو آهي، ڄڻ ڪيئي ڪَٽڇين جهڙا ڪَوي، پنهنجن ڇُنهنبن ۾ پاٽيءَ جا ڦڙا ڪنيون، ابراهيم جي آڙاهہ کي اُجهائڻ جا جَتن ڪري رهيا هجن! تنهن هوندي بہ اجا تائين اُجيا ڪُوهَہ پاٽي پاٽي پيا پُڪارين، پرندڙ پيلو دريا دريا پيو ڪري!

حيرت لڳندي آهي، جڏهن ڪاڇي توڙي ٿَرَ ۾ بنا برساتن جي بہ ڪيترا وڻ، سدا ساوا نظر ايندا آهن. ايئن ڪَلا کيتر ۾ بہ ڪيترائي ڪَوي ۽ لِکاري بہ سدا ساوا پيا نظر ايندا آهن! پلي اُهي هڪ ٻئي کي ويجهو آهن يا پري پري. پر اُهي پاٽيءَ جي مِٺن چشمن وانگر ڏَسجن ۽ ٻُڌجن ٿا. جتان ڪيئي پاٽياريون وَر ور ڪيو، دِلا، اوبون (ڪليون) ڀريو، پِيئن پيارين پيون. ادب ۽ آرٽ جي اُڃ بہ عشق جي اُسات وانگر آهي، جنهن مان پيتي نہ ٿو ڍاپجي.

**سمنڊ مُنهن ڪيان، تہ سُرڪيا ئي نہ ٿئي!**

ڪَلام ۽ ڪهاڻين جي ڪَويسَرن جا ڪيترا نالا ڳڻائجن! ڪَڪرن جا نالا ڪهڙا...! ڪڪر جڏهن وسڻ ٿا لڳن، تڏهن ٽڪرين جون دليون بہ ڏڙڪڻ شروع ڪريو ڇڏين! سچ تہ، آرٽ بہ اهو ئي ڪم ڪندو آهي. ۽ اهڙا ڪيئي معجزا رڳو عشق ڏيکاريندو آهي يا تہ آرٽ سرانجام ڏيندو آهي!

ڇا انهن آرٽسٽن جي آبياري، ڏک، اداسي ۽ اڪيلائي ٿي ڪري!؟ يا اهو اهتمام قدرت پاڻ ٿي ڪري!؟ جو پَٽَ ۽ پونا تہ پاٽيءَ لپ لڱ پريشان هوندا آهن، پر هنن جون اکيون برسات ۾ وهي آيل نيُن وانگر، وَڪُڙن (بندن) تان اُٿلي وَهي پونديون آهن!

اهو ايئن ئي آهي، جيئن آءٌ چوان ٿو، جي نہ، تہ انهن کان پُڇي ڏسو، جن طالب لغاري، احمد خان مدهوش، لياقت علي لياقت، جاني اسحاق، عزيز ڪنگراٽي، خليل عارف، آس پير ۽ طالب قنبراٽي کي ٻُڌو آهي!

پلا اُنهن جي ڏات کي کهڙي ماتِ، جن تي لُکون ۽ جهولا به سانوڻ جا مِينهن بنجي ٿا برسن! ايئن لڳندو آهي، جڻ چيٽي چانڊوڪيون، انهن جي هِنيانوَ ۾ هٿ وِجهڻ بدران، انهن جي ڏات کي، پاڪ پاڻيءَ ۾ وِهنجاري مٿن نالو رکي ڇڏيندِيون هجن!

نئين دور جو هٿ جهلڻ جي باوجود، پنهنجي ورثي جي وارثي به ڪوئي ناهي ڇڏيندو- ڪلا وارن جا وارث ڪلا وارا ئي هوندا آهن. جنهن کي وري اجا اڳتي وڏائڻو هوندو آهي!

ان ڳالهه جو افسوس ضرور ٿئي ٿو ته، اسان ماڻهن کي تخليقي ورثي سان گڏ رُڃ ۾ اُڃ به پلئه پوندي ٿي رهي-

**مونکي ماروئڙن، سُڃَ ڳٽائي سِيج ۾!**

# مير محرم لغاري:

**مِينهن کي ڇئجو، هاڻ اچ به ڪٽي،**
**هوريان هوريان، لڏي پيو پاڙو!**

برساتن نه پوڻ جي ڪري ڪاڇي واري علائقي ۾ جيڪا بيوسي ۽ ڏک واري صورتحال بنجي ٿي، ان کي جيڪڏهن ڀِن سِٽُن ۾ بيان ڪجي، ته ان ڪان وڌيڪ ڇا ٿو چئي سگهجي! برسات ناهي، پاڻي ناهي، زندگي ناهي، ساوڪ ناهي، مال جو چارو ناهي، ته پو ماڻهو لڏيندا نه ته ڇا ڪندا! مِلائيندا ته مِينهن هِن نه! ڏُڪارين حالتن کي هي شعر اهڙي زورائتي احساساتي انداز سان ٿو پينٽ ڪري، جنهن جو پينافليڪس نهرائي چونڪ تي لڳائي ڇڏجي.

مير محرم سرائڪي شعر به تمام خوبصورت انداز سان لکڻ جي صلاحيت رکي ٿو- مان سمجهان ٿو، کهڙن به سببن جي ڪري ڪافي خوبصورت شاعر، شاعريءَ مان ايئن هٿ ڪڍي ٿا وڃن، جيئن گهٽ ريج ۾ لاڳيتي برسات نه پوڻ جي ڪري، ماڻهو پوکيل فصل مان، هٿ ڪڍي، ان کي مال ڪان پيلائي ڇڏيندا آهن!

**زندگي حادثا، هِڪو پاڙو،**
**پيار، پيڙا جو جيئن جندبو پاڙو.**

**تنهنجي پاڙي جي نانوَ تان صدقي،**
**مير ۽ مير جو سچو پاڙو!**

يار جو پاڙو تہ ماڪيءَ جو مانارو لڳندو آهي. پر پيار ۾ پيڙا جو بہ پاڻ ۾ ڪيڏو ڳانڍاپو آهي. استاد چوندو هو، پيار ۾ پيڙ هڪ ٻئي جا پاڙيسري آهن- مير بہ ساڳي ڳالهہ ٿو ٻڌائي، تہ انهن جو پاڻ ۾ جنډو پاڙو آهي.

مير جي شاعريءَ ۾ پنهنجي تَرَ جا، ڪوڙ مشاهدا ۽ مشاهدن مان ميڙي گڏ ڪيل تشبيهون آهن. جيڪي هن شعرن جي مالا ۾ مَٽين وانگر پوئي ڇڏيون آهن.

**زندگي چُپ چاپ، ائين گذري پئي،**
**ڄڻ اَڳاٽي ٻير آ، جا اُڪري پئي.**

**انتظاري جو لغاري ڪان نہ پُڇ،**
**سُئي جي ڌُڪ مان هر گهڙي گذري پئي.**

ٻيريون بہ ڪي آڳاٽيون، ڪي پاڇاٽيون ٿين. ڪي آرهاڙي جا ٻير بہ جهلن. انتظار جي گهڙين يعني اُنن جي قافلي ڪي ننڍو ڪري سُئيءَ جي ڌُڪَ يا پاڪي مان گذارڻ، آڻ ڇُهي ۽ آڻ مُلهي تشبيهہ آهي ۽ انتظار جي ساعتن ڪي سالن ڪان بہ گهٽي ڊيگهہ ڏياري ٿي ڇڏي. سندس هي تشبيهي شعر پڻ ڪيڏو خوبصورت آهي.

**هوءَ سينگارجي گهران نڪتي،**
**تير نڪتو ڪمان ڪان ٻاهر!**

هن جي شعرن ۾ غربت جا، ڏڪار جا ڏک آهن- خانہ بدوشن جون خدا سان، ڪَڙيون شڪايتون آهن، تہ ماڪيءَ جي مِٺاس ۽ امرت جون ڳالهيون بہ!

**وارَ پيشانيءَ تان واريو ڪجهہ نہ ڪجهہ،**
**ڪاڄ تان ماڪي اُتاريو ڪجهہ نہ ڪجهہ!**

ماڪيءَ جي ڪاريُن مکين سان وارن کي ۽ پيشانيءَ کي ماڪيءَ جي ڪاڄَ مطلب تہ مِٺاس ۽ ماڪيءَ جي رنگ سان پيٽيو ويو آهي- ۽ هڪ نئون رنگ، جنهن کي ماڪيءَ جي رنگ طور، متعارف ڪرايو ويو آهي.

دید خانہ بدوش تي رهندي،
ڪنهن نہ ڪنهن دل ۾ گهر ڪرڻ تائين!

تنهنجا مظلوم پِيڙجي ويندا،
ديڳ تنهنجي خدا! تپڻ تائين!

منهنجي نالي ۾ بہ امرت رس پريو،
مير يا محرم اُچاريو ڪجھ نہ ڪجھ.

هوءَ تہ وِڇڙڻ ئي چاٽي، لڏي ڳوٺ مان،
ڪيس کهڙي خبر تا سنپارن پُنيان!

روز راتيون چٽي تيون، مُنجن صُبح ڏي،
مسئلن جون قطارون قطارن پُنيان!

مٿيان شعر، خانہ بدوشيءَ جي درد، مظلومن جي پِيڙا، خدا جي ديڳ جي دير سان تپڻ واري شڪايت ۾ هُن جي اهڙي انداز سان وچڙي وڃڻ واري ڳالھ، ڏک جي لهر اُڀاري ٿا وجن، جنهن جو تاثر دير تائين اداس بنائي ٿو ڇڏي!

## خادم حسين جسڪاڻي:

ڳوٺ ۾ خوشبوءِ ويئي ڦهلجي،
هن وڏو چولو سُڪڻ لئہ تار تي!

چولي ڪي تار تي سُڪندو ڏسي، شاعر ڪي اُن سُڳنڌئي سُپرينءَ جي واسن جو احساس ٿو ٿئي- ۽ هو انهن واسن کي سڄي پاڙي يا ڳوٺ ۾ ڦهلبو محسوس ٿو ڪري- لٽن جي سُڪڻ جو واسطو خوشبو جي ڦهلاءَ سان هجي يا نہ هجي، پر منظر کي سُنو چِتيو ويو آهي. پهراڙين ۾ لَٽن سُڪائڻ ۾ واهن ڪناري مايُن جا لٽا ڌوئڻ وارا ڏيک، حُسناڪين سان پريا پيا آهن.

خادم جسڪاڻي، اهڙين حسناڪين سان گڏ روين، احساسن ۾ تَر جي تڪليفن جي ڪَڙاڻ کي هر شعر جي زبان تي رکي ڇڏيو آهي- ۽ اهڙن روين کي روڪڻ ۽ ٽوڪڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

**مٺي لهجي پُنيان، ٺُوهن جي واڙي،**
**رکين ٿو مَن ۾ ايڏي مير، سياٽو ٿي!**

هن جو اهو خوبصورت شعر پڙهندڙ، پڙهندڙ جو پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪرائي ٿو. غزل جا هيٺيان بند، شاعريءَ جي رستي تي ڪنيل مضبوط وِکُن وانگر آهن، جيڪي اڳتي وڃڻ جو ساهس رکن ٿا۔

**ڳالهيون ڪٿي ڪريون نہ ڪجن، شَڪ لڪائجن،**
**پر دوستن جا کهڙا کهڙا ڏک لڪائجن!**

**تون ٿو چوين تہ چاهتون، لوڪان لڪائجن،**
**نيڻن ۾ ڪيسين نيٺ پلا اَک لڪائجن!**

**اي وقت! ڪيئن گذري وئين، سوچيان پيو،**
**جيون جي ڳل تي تنهنجا ڪٿي چَڪ لڪائجن!**

**هُن ڪي ڏسڻ سان، پل ۾ لهي ڪيئن ٿي ويا،**
**عُمرين جا هاڻ ڪاٿي اهي ٿَڪ لڪائجن!**

پَٽن تي پکڙيل ٺُوهَہ، انهن جون وَليون، ساوا گهاٽا، وڏن پنن وارا آڪ ۽ انهن جون اڇين، نيرين قُلين جو حُسن پنهنجي جاءِ تي، پر انهن جي ڪڙاڻ پئي پاسي۔ آڪن جي کير جي ڪڙاڻ جو اکين ۾ پيرجي وڃڻ، محبت جي موٽ ۾ ڏک ۽ تڪليف ڏانهن اشارو ٿو ڪري. چاهتن کي تہ لوڪ کان لڪائجي، پر اکين ۾ پيرجي آيل آڪن جي ڪڙاڻ کي ڪيڏانهن ڪجي!

ايئن زندگيءَ جي ڳل تي وقت جا چَڪ، ڪي عاشق جا چڪ نہ آهن ۽ نہ ئي اهي محبت جي يادگار طور رهجي ويا آهن، پر اهي اهڙي جانور جا چڪَ آهن جن جي لڳڻ سان ويڪسين ضروري ٿي پوندي آهي!

خادم جا ڪوڙ سارا شعر سُنا ٿا لڳن، جيئن ماهوئيءَ جا گُل هوندا آهن، نندڙا، نيرڙا!

**جيون آڳر تان هُو گذريو،**
**يادن جا ويو پير ڇڏيندو.**

**ڳالهہ ٿوريءَ تي روئي ٿو اڪثر،**
**ڇا هو ڪاري ڪکر ۾ رهندو آ!؟**

**زماني جي هر هڪ کاٽي ڏنئي،**
**اسان جي نہ اکين جو پاٽي ڏنئي!**

ڪنهن شاعر جي شعر وانگر، ماڻهن جا ڏک ڏسي، پنهنجو غم وِسريو وڃي، ان ڪري پنهنجي ڏکَ توڙي محبت ڪي پنهنجن ماڻهن سان سلهاڙي ڇڏڻ وڏي ڳالهہ آهي. پيو ڪو ايئن ڪري يا نہ ڪري، پر هڪ شاعر لاءِ اها ڳالهہ تمام گهڻي اهميت ٿي رکي! جيڪا اسان کي خادم جي شعرن ۾ ملي ٿي.

هن جي اک، هن جو احساس رڳو حُسن شناس ناهي، پر نبض شناس بہ آهي، رڳونينهن نواز ناهي، پر غريب نواز بہ آهي:

**وار ڪليل هن، رئو ئي ڪونهي،**
**ڇوريءَ کي ڪو پيئو ئي ڪونهي!**

**تن جو سوچيو اٿئي، جن جي،**
**گهر ۾ چڙهيو تئو ئي ڪونهي!**

**مزدورن جو ڏينهن ملهايئي،**
**جن ڪائي ڪيو ڊئو ئي ڪونهي!**

# سڪندر اُداس لُنڊ:

**جي سِبڻ نہ ٿو پُڇي تہ پو،**
**ڪين ڪنهن جو مَن اُڌيڙجي!**

**خواب خواب، درد گڏ ڪري،**
**شاعريءَ ۾ ٿو سهيڙجي!**

سڪندر علي اُداس، ڳالهہ جي ڳنڍ ٻڌي ڇڏي آهي. سڀ ڪو پاڻ ان کي ڪولي ۾ سمجهي- ماري اهو، جيڪو جياري! ڪجهہ پوڪٽو آهي، تہ پو هر بہ ڏِجن، نہ تہ ڪنهن جو آندر نہ اُڌيڙجي. شاعري، چونڊ لفظن جي ترتيب ۾ ردم

سان گڏ ڪم واري ڳالهہ بہ آهي. ماڻهو ڳالهين سان سڃاتو ويندو آهي ماڻهوءَ جو واسُ ڳالهين مان ايندو آهي. ڳايون بہ ڳالهيون ويندديون! شاعر، اديب اهڙيون ڳالهيون چوندا آهن، ڇرين جون ڳالهيون سياڻا سهيڙيندا آهن۔

**ڪو بہ منظر نہ تو سوا وڻندو،**
**دل ٽٽل آهي، شهر ڇا وڻندو!**

**لفظ ناهن جو مان بيان ڪيان،**
**ايترو آهي دلربا وڻندو!**

مٿي ڄاڻايل اداس جي غزلن جي پهرين سٽن ۾ رديف آزاد آهي ۽ پوين ۾ قافيو آزاد رکيو ويو آهي. آزاد قافيي ۾ غزل وڏا ساهَہ کڻڻ لڳندو آهي۔ استاد جو هڪ شعر آهي تہ:

**اڄ تہ استاد سان آڄو اورج،**
**ڪيڏو آزاد هو قافيو تنهنجو!**

پر آزاد قافيي جي آزادي ڪيستائين هجڻ گهرجي، ان ڳالهہ جي نازڪيءَ جو احساس هئڻ بہ تمام ضروري آهي! نہ تہ قافيي کي ڏنل آزادي، ڇُڙواڳي جو شڪار ٿي ويندي!

**ڇُلن ٿيون درد جون ڇوليون اندر ۾،**
**غمن ۾ زندگي ڇاڇولجي ٿي!**

زندگيءَ کي نديءَ سان تشبيهہ ڏني آهي، هڪ تہ اها وهندي رهندي آهي، ٻيو اها واپس ناهي ورندي۔ ان ۾ ڇول ڇولان آهي. سڪندر، "ڇاڇولجي" سان "سول جي" قافيو ملايو آهي. قافيي جي اهڙي استعمال واري اها ٽيڪنڪ سُٺي لڳندي آهي۔ ۽ ڪڏهن شعوري ڪڏهن غير شعوري طور ٻن لفظن کي ملائي مرڪب لفظ ناهڻ جو ڪم ڏئي ويندي آهي. "سول" نئن جو نالو آهي، ان سان جَي، مطلب جيڪڏهن، شرطيہ، Conditional لڳائي ويو آهي.

**تڏهن ڪشمير ٿي پوندو آ ڪاڇو،**
**وهي برسات ۾ نئن سول جَي ٿِي!**

مقصد ڪاڇو تڏهن ئي سرسبز ۽ خوشحال بنجي پوندو آهي، جڏهن برساتون پونديون آهن، ۽ سول توڙي گاج ۽ پيون نيون نيون وهي ايندون آهن.

سڪندر جي ان غزل جو هيٺيون بند نهايت خوبصورت، رواني ۽ سلاست سان ڀرپور آهي، جنهن ڪري غزل جي جان ۽ مُنفرد لهجي جي صدا بنجي پيو آهي!

**ائين لڳندو آ، چڻ غلطي ڪئيسين،**
**جڏهن ڪا ڳالهہ دل جي ڪولجي ٿي!**

شاعري شعور جي ۽ موسيقي روح جي غذا آهي. پر جتي بُک ۽ بدحالي آهي، اُتي هڪ دردمند شاعر سوچي ٿو، چاهي ٿو تہ، ڪاش سندس اکين جا لُڙڪ پاڻي ٿي پون، جيڪي اُجي تَر جي اُڄ اُجهائڻ ۽ سندس شاعري ماني جو ڳيو بنجي پوي، جيئن بک ۽ بدحالي گهٽجي يا ختم ٿي سگهي!

**شاعري اناج ٿي پوي،**
**هي سُڪيو سماج ٿي پوي!**

**موت کان ڇو اڳ مري غريب،**
**سستو جي علاج ٿي پوي!**

**ڇو ڪڏهن اوهان جو اي پرين!**
**ٿو تِڪو مزاج ٿي پوي!**

## زين ڪوسو:

شاعري ريساري بہ آهي ۽ ساڙولي بہ، اها پورو ڏيان ۽ وقت گهري ٿي- نہ تہ رُخ گهٽ ٿي ڏئي. شاعريءَ کي جنهن نمبر تي رکبو، اها شاعر کي پاڻ کان هڪ نمبر پوئتي رکندي. شاعري بہ هڪ رويو آهي، محبت وانگر- شاعر جي پرک، شاعري مان ڪري ٿي سگهجي- رويو ڪهڙو؟ اهو تہ:

**اسان جو خير آهي، جي مُئاسين،**
**هجين سهڻا! سدائين تون سلامت!**

جيئن چندر چوندو هو، رُنائي رهن، پر هجن شل حياتي! سِٽ ڪٽڻ سان جنس جو اندازو ٿي ويندو آهي- زين جي شعرن سان ملي، سندس حال بہ اکين اڳيان گُهمي ٿو وڃي. جيئن چهرو ۾ اکيون اندر جو احوال ٻڌائينديون آهن. تيئن شاعري بہ زندگيءَ جا سچَ سُڻائي ويندي آهي، ۾ سندس چهرو ظاهر ڪري ڇڏيندي آهي- ڳالهہ لڪائي ڪبي آهي، تڏهن بہ سمجهڻ وارا سمجهي ويندا آهن.

سال صديون ٿي ويا،
پيار پَتيون ٿي ويا!

هو نہ اجا آيو،
چيٽَ ڪَتيون ٿي ويا!

مُندون تہ چار ٿيون چيون وڃن- ڪي ان ۾ پيار جي بہ موسم ڳڻائيندا آهن. ٿائيلينڊ ۾، هڪ گائيڊ ٻڌايو تہ، اسان وٽ ٽي موسمون آهن! پر سنڌ ۾ سدائين ٻن موسمن جو ذڪر ٿيندو آهي-

هاڙهہ سيارو، ٿڌي ڪوسي. آبادي جي لحاظ ڪان چيٽ ۾ ڪَتي- بهار جي ڏينهن ۾ راتين کي بہ چيٽ ڪري ڳايو ويندو آهي، جو چيٽ جو مهينو بهار واري مُند کي ڪَور ڏيندو آهي.

هُو نہ اجا آيو،
چيٽ، ڪَتيون ٿِي ويا!

مطلب، انتظار ڪندي چيٽ ۾ ڪتيون گذري ويا، پر هُو نہ آيو، سو نہ آيو! شاعري هم ڪلامي بہ هوندي آهي، پر گهڻو ڪري ماڻهو ٻئي سان ضمير حاضر ۾ ڪلام ڪندو رهندو آهي- دنيا کي پاڻ کان ڌار ڪجي، تہ باقي سڀ "تون" ٿو رهجي وڃي! تنهن ڪري ڪلام جو وڏو حصو ضمير حاضر سان ڳالهيون ڪندي، نظر ايندو آهي.

زين ڪوسو بہ اسان کي پنهنجي ڪلام ذريعي، پنهنجي پريِنءَ سان، دنيا جهان سان- ڪيئي ڳالهيون ڪندي نظر ٿو اچي. اچو تہ سندس ڳالهيون ٻڌي اِنجواءِ ڪيون ۾ واهہ واهہ ڪريون!

دل کي ايڏا درد نہ ڏي تون!
دل آهي، ڪو روهہ تہ ناهي!

ياڪُر بوسا، ڪوسا ڪوسا،
مون ڏي، تنهنجا ڪوڙ اُڏارا!

پنهنجي پيرن هيٺيان پيارا،
جذبا ايئن نہ لتاڙي ڇڏي!

دل جو هلَڪو بار، ڪرڻ لئہ،
زين، بہ ڳوڙها هاري ڇڏ!

## گهايل لغاري:

غلام حيدر گهايل لغاري، هن مجموعي جو شاعر ۽ مرتب آهي. ادبي سنگت جو جاکوڙي ڪارڪُن بہ آهي- زين بہ ساڻس گڏ آهي. گڏيل مجموعن جو رواج هلندو ٿو اچي- پڙهندڙ کي وِرائٽي مليو وڃي- اهڙو مجموعو انگورن جي ڇُڳي وانگر هوندو آهي-

غلام حيدر جو ڪلام وزن ۾ پڪو پُختو آهي- سندس سِٽُن ۾ سادگي بہ آهي تہ رواني بہ- طنز بہ آهي تہ رمز بہ. ڳالهيون ڪُليون ڪُليون ۽ سِڌيون آهن- مِينڊ ۾ مارئي ڳايل ڪانهي! مَن تي مُونجهہ آهي، تہ مامرا بہ پڌرا ڪري ڇڏيا اٿائين!

پنهنجي خوابن جو موت ٿي پيو آ،
اڄ تڏهن سوڳوار ٿي پياسين!

سُونهن! تنهنجي هٿان محبت ۾،
جيت هوندي بہ هار ٿي پياسين!

هن جا اهڙا ڪيئي گهايل شعر آهن، جيڪي پنهنجي نسبت غلام حيدر سان ٻڌائن ٿا.

جڏهن سچ چوڻ دوستن کي لڳاسين،
ڏنگيندي رهي، هيڪلائي زمانا!

درياهہ درد جو هي سيلاب آڻيندو،

## هِن ساهہ کي ٻُڏڻ جا امڪان ڪيترا!

**ملندين تہ دوست! پاڻ ئي محسوس تون ڪندين،**
**گهايل جي دل ۾ آهن، ارمان ڪيترا!**

مضبوط قافيو، غزل جي ٻڌ کي مضبوط ٿو بنائي- ايئن رديف بہ اڻ ڇُهيل هوندو، تہ ان ۾ نواڻ نظر ايندي.


ساڳين قافين ۽ رديفن جي هيل تائين ايڏي لَتاڙ ٿي آهي، جو نقاد ناراض نہ ٿين تہ، مورڳو اهڙن قافين ۽ رديفن کي حرام قرار ڏئي ڇڏجي! جيڪڏهن غزل لاءِ قافيي ۽ رديف جو هئڻ لازمي آهي، تہ ڇا اهو بہ ضروري آهي، تہ جيترا قافيا ملن غزل کي ايتري ڊيگهہ ڏجي!؟

غزل ۾ قافيي جي سخت بندش جي ڪري شاعرن بغاوت ڪري آزاد قافيو آندو، دل چوي ٿي هاڻي گهڙو چوڙيل قافين خلاف بہ اهڙي بغاوت ٿيڻ گهرجي! غزل جي حوالي سان، ڪي بحر تہ سرل ۽ سهنجا آهن، جن ۾ رڌم ۽ رواني آبشار جهڙي هوندي آهي، پر ڪي بحر واريءَ جي پنڌ جهڙا هوندا آهن، انهن تي ڪلام لِکي وڃڻ تہ هڪ ڳالهہ آهي، پر ان ۾ ڳراڻ ايڏي هوندي آهي، جهڙوڪ، گيهہ جا ڏُک پيا پرجن!

آءٌ ڳالهہ کي جنرلائيز ڪندي، قافيي، رديف ۽ بحر وزن جي ذڪر سان گڏ هيءَ بہ گذارش ڪندو هلان تہ، شعر ۾ لفظن جي صحت جو خيال گهڙو رکڻ گهرجي، سِٽَ جي ڪٽت وقت متحرڪ ۽ ساڪن لفظن جو خيال بہ ضروري آهي- نہ تہ سِٽُن جون پاڻ ۾ وِڪون ئي نہ ملنديون!

ادب جي بارگاهہ ۾ اچي بيهڻ لاءِ ڪنهن کي بہ جَهل پَل ناهي، پر جيڪڏهن ڪوئي شاعر پنهنجو آواز اياز، استاد، امداد، اقبال يا اسحاق سان ملائڻ ٿو چاهي، تہ ان کي پنهنجي آواز ناهڻ لاءِ ڪوڙ سارو رياض ۽ محنت ڪرڻي پوندي. دل سان پورهئي کي قبوليت آهي. سجدو هڪ ئي آگِهي وجي، تہ وڏي ڳالهہ آهي- سِٽَ پلي تہ هڪڙي هجي، پر اها سونَ جهڙي سَچِي هئڻ گهرجي!

# علي دوست عاجز



# ڄاڻ سڃاڻ

نالو: محرم لغاري

ادبي نالو: مير محرم لغاري

پيءُ جو نالو: ميان بخش لغاري

جنم تاريخ: 9 آڪٽوبر، 1974ع.

جنم جو هنڌ: ڳوٺ ميان بخش لغاري.

تعليم: بي.اي.

ڪرت: استاد.

لکڻ جي شروعات: 1989ع.

ڇپجڻ جي شروعات: 1990ع.

ڇپيل مواد: سنڌ جي مختلف مشهور و معروف اخبارن ۽ رسالن ۾.

لکيل صنفون: غزل، گيت، نظم، وائي، بيت، ٽه سٽا، هائيڪو، وغيره.

لکپڙهه جو پتو: ڦلجي روڊ جوهي، ٽپال گهر جوهي، تعلقہ جوهي، ضلع دادو، سنڌ.

رابطي جو نمبر: 03003250505

## غزل

لفظ اهڙا تہ تو ٻالهايا هن،
نيڻ ڪيڏا نہ پيرجي آيا هن.

تو جلائڻ شروع ڪيو آ جڏهن،
مون بہ سگريٽ پئي جلايا هن.

ٻاٽ اوچو، الڳ انداز، اصول،
ڪنهن جي نيڻن ڪٽي نوايا هن.

ڪنڌ جيڪي سُتا نہ ٻانهن تي،
بار بُت جي مٿان اجايا هن.

دوست اونداهہ ۾ ڇڏي ويندءِ،
هي سپئي روشني جا سايا هن.

صرف ديدار ڪاڻ آيل لئہ،
هي تو ڇا ڇا ڪٽي گهرايا هن.

اڄ ڪفارو ادا ڪريون گڏجي،
پل جدائي ۾ جي گنوايا هن.

## غزل

زندگي حادثا هِڪو پاڙو،
پيار پيڙا جو جئن جنبو پاڙو.

ڳوٺ ۾ انب، سرينهن، نم، ٽاليون،
تو بنا تہ بہ ٻُسو ٻُسو پاڙو.

هو تہ پنهنجي ٿلهي تي ويٺو هو،
خواهہ مخواهہ ٿيو آهي ڇتو پاڙو.

تون مان انڌا، انڌي محبت ۾،
هيءُ سارو نہ آ انڌو پاڙو.

مينهن ڪي ڇئجو: هاڻ اچ بہ ڪٽي،
هوريان هوريان لڏي پيو پاڙو.

تنهنجي پاڙي جي نانءُ تان صدقي،
”مير“ ۽ ”مير“ جو سڄو پاڙو.

## غزل

زندگي چپ چاپ ايئن گذري پئي،
چڻ آڳاٽي  پير آ جا اکري پئي.

هاءِ! اندلت جيئن دنيا ڇڏبي ڪڏهن،
وقت جي ٽڪ ٽڪ اندر ڇچري پئي.

حسن تي جوڀن لٿو ئي هيل آ،
ماڪ ۾ مکڙي نئين نکري پئي.

جيئن اتر جي واءَ هنبوڇيون ٿي هڻي،
تيئن وٽن مان راڳڻي اپري پئي.

انتظاري جو"لغاري" ڪان نہ پڇ،
سُئي جي ڏُک مان هر گهڙي گذري پئي.

## غزل

دم ڏئي ويو دوا ٽيڻ تائين،
ساٿ غربت ڏنس مرڻ تائين.

شهر ايڏو وڏو پڇان ڪنهن کان،
ڪهڙي ويندي گهٽي سڄڻ تائين.

دل کي گوڏا ڏئي گذاريون پيا،
دل ڇجي پئي نہ شل ملڻ تائين.

جنگ آ جنگ پنهنجي اوندهہ سان،
باک گيڙو رتي ڦٽڻ تائين.

ديد خانہ بدوش ئي رهندي،
ڪنهن نہ ڪنهن دل ۾ گهر ڪرڻ تائين.

تنهنجا مظلوم پيڙجي وينداء
ديگ تنهنجي خدا! تپڻ تائين.

## غزل

وار پيشاني تان واريو ڪجھ نہ ڪجھ،
ڪاڄ تان ماکي اٿاريو ڪجھ نہ ڪجھ.

پاڻ کي هر وقت سينگاريو پيلي،
منهنجي قسمت پِي سنواريو ڪجھ نہ ڪجھ.

سال ٿيا خط پٽ نڪي هڏڪي لڳي،
يار پرديسي! سنپاريو ڪجھ نہ ڪجھ.

ياد آهي عشق نئون نئون هو تڏهن،
جنهن لکڻ مونکي سيکاريو ڪجھ نہ ڪجھ.

رات لڇندي ٿي وئي، ساجهر اٿيس،
باک ويلي من قراريو ڪجھ نہ ڪجھ.

منهنجي نالي ۾ بہ امرت رس پريو،
”مير“يا ”محرم“ اچاريو ڪجھ نہ ڪجھ.

## غزل

غم جي خمار ۾ آ ڪيڏو مٺو سُرور،
دکندڙ آزار ۾ آ ڪيڏو مٺو سُرور.

نيڻن ۾ سڪ ملڻ جي، من ۾ عجيب هُرڪُر،
هڪ انتظار ۾ آ ڪيڏو مٺو سُرور.

ڦاسي پئون ٿا پوءِ ڀي ڦٽڪڻ تي دل نٿي چئي،
زلفن جي ڄار ۾ آ ڪيڏو مٺو سُرور.

ساوڪ سڃو، پٽوڙو، سُرهي هوا ۽ تون مان،
ڇانيي ڦلار ۾ آ ڪيڏو مٺو سُرور.

دل ٿي گهري عمر ڀر گم ٿي وڃان نظر ۾،
هن جي نهار ۾ آ ڪيڏو مٺو سُرور.

ڇاتيون ملڻ لاءِ آتيون، جنهن دم ملي وڃن ٿيون،
ڇُپيندڙ اُپار ۾ آ ڪيڏو مٺو سُرور.

◘

## غزل

تون جو ڦولار پويان ڦٽين ٿي پرھ!
روپ ڪيڏو نہ پيارو وٺين ٿي پرھ!

گيڙو ڳلڙن پٺيان رات چوٽي جيان،
مون کي جانان جي آسيس ڏين ٿي پرھ!

توکي ڏسندي ڏهاڙي اکيون ٿيون ٺرن،
يار جي گهر مٿان جو ڦُٽين ٿي پرھ!

مُرڪ، شبنم، مهڪ خوبصورت مگر،
تون صبا کان بہ مون کي وڻين ٿي پرھ!

رات جي سانت ۾ درد پيو ها سُتل،
چو اونداهي جو پردو ڪٽين ٿي پرھ!

ڪو امن آجپي جو بہ آڻج صُبوح،
روز رت ساڻ رڱجي پُڄين ٿي پرھ!

## غزل

جو زندگي گذاريندو غم ڪري ڪري،
زخمي ٻہ پاڻ ٿيندو ماتم ڪري ڪري.

پيڙا لڪل هئي ڪيڏي، ميلي کي ڇا خبر،
ساٿي ٿي پئي جا پايل ڇم ڇم ڪري ڪري.

ڪاڇي ڪٽي نہ پئي ڪا، تر ۾ ڏڪار هو،
دوڪو ڏئي ويو سانوڻ آگم ڪري ڪري.

آيو جي موت، وڃبو اوچي ئي ڳاٽ سان،
جيئنداسين ڪيستائين سر خم ڪري ڪري.

موتي الئہ نہ موتي، اُلڪن ۾ اڌ ڳري،
ڪنهن ڪنڊ ۾ ويهي رئندين "محرم" ڪري ڪري.

## غزل

اک تنهنجي بيان کان ٻاهر،
جو ڏسي سو ايمان کان ٻاهر.

توکي فنڪار جنهن تراشيو آ،
هوندو سھڻو گُمان کان ٻاهر.

پاڻ خاموش چاهيندڙ آهيون،
عام ماڻھو جي ڏيان کان ٻاهر.

شعر جنهن ۾ نہ ڳالھہ چاهت جي،
ڇو نہ ڪيڄي ديوان کان ٻاهر.

هوءَ سينگارجي گهران نڪتي،
تير نڪتو ڪمان کان ٻاهر.

تنهنجو ويڙهو ڇڏي ائين پيانيم،
ڇڻ تہ آهيان جهان کان ٻاهر.

”مير“ بس تولئہ ايترو چوندو،
تون زمانو مڪان کان ٻاهر.

## غزل

پليان پيار ڪان سا بہ دل شاعراڻي،
بيهارڻ گهرو ٿا بلنديــن تي پاڻي.

قبي تي نہ بيهي سگهي نيٺ هدڙي،
جهلينـدي ٿڪم عشق ڪان دل اياڻي.

پرين جي اکين ۾ وڏو معجزو هو،
اسان هڪ جهلڪ مان ئي معراج ماڻي.

حسينن سان رهندو عشاقن جو رشتو،
گلن ساڻ پوپٽ جي ياري پراڻي.

اها منهنجي جانان ئي هوندي ڏسو جا،
اکيين نار پاڻي ويڳاڻي ويڳاڻي.

چٽي وٺ ڪي منظر ڦلارن جا شاعر!،
اجهو چيٽ جي ڪيٽ ڪئي موڪلاڻي.

رڳو رولڙن ۾ رهيو "مير" آهي،
پڙهي چا ڪبي تنهنجي آتم ڪهاڻي.

## غزل

لفظ کھاڙا، جملا ڀالا، لهجا مارن ٿا،
ماڻھو ڪنھن کي ڇا ماريندو رَوَيا مارن ٿا.

هلندي پڇندي آهر هرڪو گھاو رسائي ٿو،
ڪڏهين ڏاريا ڪڏهين پنهنجا ويجھا مارن ٿا.

تنهنجو مقدر پاڻي ڪان پوءِ واڻ وٽڻ تائين،
او ڪاڇائڻ! تنهنجا مُڱليءَ دهڪا مارن ٿا.

من مان جيڪر ڪوري ڪڍجي محبوبا جي سار،
سانوڻ رت ۾ جُهڙ ڦُڙ وارا لمحا مارن ٿا.

روز آ ڏرتي، ٻولي، توڙي پاڻيءَ تي يلغار،
سنڌڙي تنهنجي آئيندي جا اُلڪا مارن ٿا.

شاعر ٻڌجي جڳ ۾ ”محرم“ ڪيڏو ٻوڳيون پيا،
ڪنهن جا نخرا ناز تہ ڪنهن جا سُڏڪا مارن ٿا.

# غزل

محبت، حسن، جواني، جلون جي حد ختم،
تو وٽ اچي ٿئي ٿي رنگن جي حد ختم.

پئي نيڻ حسرتن مان ڏسندا ئي ٿا رهن،
جيسين وڃي ٿئي ٿي نظرن جي حد ختم.

هن طرف ڌڙڪندڙ دل، هُن پر بہ محبتي من،
ٿيندي ڪئين اياڻا! جذبن جي حد ختم.

وسعت طرف وڃن ٿيون هر دم حقيقتون،
تو صرف ڪئي آ پنهنجي سوچن جي حد ختم.

تنهنجي حسين هاٿي جهڙو غزل لِکان،
تخيل جي حد ختم، جت خيالن جي حد ختم.

دم ٿو ٻوساٽجي هن تنگ دل سماج ۾،
محبت خلاف ڪريون رسمن جي حد ختم.

هڪ شخص پوڳي پوڳي ان ماڳ تي پُڳو،
جاٽي لکيل ڏٺائين! جيون جي حد ختم.

ملبو ضرور "محرم" ڪنهن موڙ تي وري،
بس ٿئي نہ روح وارن رستن جي حد ختم.

## غزل

سچ ٻہ ٽڪجي ٻڌي ٿو پهاڙن پٺيان،
جڻ چوي پيو: نہ ڊوڙو سهارن پٺيان.

هوءَ تہ وڇڙڻ ٿي چاٽي لڌي ڳوٺ مان،
ڪيس ڪهڙي خبر ٿا سنيارن پٺيان.

روز راتيون جڻي،ٿيون مُنجن صبح ڏي،
مسئلن جون قطارون قطارن پٺيان.

ڦُول ڄاڻيي سرنهن جا ڦڪا پئي لڳا،
ڦُول ڪان وڌ لنگهي جو ڦُلارن پٺيان.

ڪو انهيءَ آس تي ٿو لڙي ٻاٺ سان،
ٻاڪ ڦٽڻي ضرور آ، انڌارن پٺيان.

سي نہ ڄاڻيا رهيا، سا نہ خوشبوءِ رهي،
سار رهجي وئي بس بهارن پٺيان.

## غزل

چوٽ جي موٽ ۾ ملي ڪوتا،
مون لئہ آئي مسيح ٿي ڪوتا.

ڪلهہ روين جا ڇهڪ ڏئي وئي هوءَ،
رات مرهم جيان لٿي ڪوتا.

دل تي آٽي غبار جي موسم،
بار هلڪا ڪري وئي ڪوتا.

شاعري شوق ناهي پورو ڪجي،
ذهن جي آ ولوڙ هي ڪوتا.

پاڻ کي ڳولڻو هجئي جي پرين،
آئينو ٿئي سندم سچي ڪوتا.

ڇڻ تہ محرم مان ٿي ويو نامحرم،
”مير“ٿي ويو لکي لکي ڪوتا.

## غزل

سونهن آدرش آجپي وانگيان،
عشق لازم عزم پڪي وانگيان.

دل بہ هڪ جاءِ تي ٽڪي ئي نٿي،
جابلو لوڪ جي لڏي وانگيان.

هوءَ پائي وئي جو جلون سان،
آئون نڪري پيس ڪچي وانگيان.

هيل ڀي عيد تي نہ آئين پرين،
عيد ڪاڏي مون ڪانڊپي وانگيان.

”مير“ جي دل جنهين جو مرڪز آ،
درد ڏوڏي ٿو زلزلي وانگيان.

## غزل

شاعراڻي خيال وانگر شاهڪار،
هوءَ قدرت جو سراسر شاهڪار.

بس پڳي ٿوڙي وٿان گذري، لڳم،
الهندو عظمت تہ اوپر شاهڪار.

سانوڻي ۾ برش پوڙي سونهن مان،
پينگهہ جوڙي ٿو مصور شاهڪار.

مرڪ آچيندي رهين جي لازوال،
گيت ارپي توکي شاعر شاهڪار.

ڪيرٿر تي سج لهڻ کان ڪجهہ اڳي،
ٻرنگ تان چوڦير منظر شاهڪار.

ڏيهہ جوڙيندڙ وڏو باذوق هو،
لاڙ، ڪاڇو، وچ، اتر، ٿر شاهڪار.

## غزل

جذبن جي نہ جهل گاج، نہ رک سير قيد ۾،
نظرن جا چٽن تير، نہ کر تير قيد ۾.

فطرت سان گهٽي سوڙهہ ۾ پوست چڱي نہ آ،
چو نينهن، نديون، سار، سڳنڌ هير قيد ۾.

عنوان غزل هيٺ سڄو فوٽو جيئن جو تيئن،
هک ڊائري ۾ يار جي تصوير قيد ۾.

هر ٻاٽ پٽيان لاٽ آ، هوءَ ٻاک ڏس پريان،
او ڏرتي جا شاعر نہ ٿي دلگير قيد ۾.

مخلوق هٿان ربّ ڪرايا پئي معجزا،
انسان ڪري ورتي آ تقدير قيد ۾.

رسمن ۾ رواجن تہ ڪڏهن سونهن وٺ اسير،
نندپڻ کان رهيو آهي پڪو "مير" قيد ۾.

## غزل

حياتي گهڙيءَ جو ٻهر ئي تہ آ،
عدم ڏي اڄاتو سفر ئي تہ آ.

اڄائي توقع نہ موتين جي رک،
جو ساگر ٿو سمجهين، سا ڇر ئي تہ آ.

اسان کيئن مڃون سو مهذب پڻو،
جڏهن تنهنجي هٿ ۾ خنجر ئي تہ آ.

ڏسڻ روز جهاڳي ٿو ڳولڻ اڇان،
جتي دل وڃايم شهر ئي تہ آ.

پرينءَ جي تِرن واري ڳل کان بہ وڌ،
جو پيارو لڳي ٿو سو تَر ئي تہ آ.

ڪچو ڪوٺڙو، ڪجھ ڪتاب ۽ بتي،
سو جنت نما منهنجو گهر ئي تہ آ.

ڪٿي ڪوتا راڻي ڪٿي هيءُ ”مير“،
اهو عشق! تنهنجو ثمر ئي تہ آ.

## غزل

گهاوَ پيرجن نہ ڪٽي مرهم ڪان،
ڏنگ جيئڻ جو سکيو هان غم ڪان.

ٿڪ ڏيئي سگهو تہ بهتر نہ تہ،
مرڪ سگھٽي بہ چگي ماتم ڪان.

ڏيهہ ڏاهر جو، جي پوي گڏجي،
ڏرتي موٽايون ابن قاسم ڪان.

ڪيڏو چرڪي ٿي ٻاٽ اونداهي،
ٻل ٽِنڊڻي جي هلڪي ٽم ٽم ڪان.

پيٽ بارود سان ڀتو پرجي،
پور ماني وڏيڪ آ بم ڪان.

ڪا جي هن ڪي سڏي ٿي نانءُ وٺي،
چرڪ نڪري وڃي ٿو ”محرم“ ڪان.

## غزل

شعر ناهي سهيڙجي تہ ڪِئين،
منتشر ذهن ميڙجي تہ ڪِئين.

چاڳري پير جيئن سندس چاهت،
دل اڙيءَ کي نکيڙجي تہ ڪِئين.

تنگ نظري جا هو ٻڌي ٿو بند،
سوچ تازي پکيڙجي تہ ڪِئين.

حال حاڪم اڳيان ڪجي ڪهڙو،
ساز ساندي سان ڇيڙجي تہ ڪِئين.

مون کان ٻالڪپڻي جو دور کسيئہ،
وقت! توساڻ جهيڙجي تہ ڪِئين.

سونهن ۽ سنڌ شعر ۾ اوتيان،
عرش ڏاندن سان کيڙجي تہ ڪِئين.

## غزل

ڪاش! ڪنهن کي سڄاڻون مَرڻ ڪان اڳي،
لڙڪ معنيٰ رکن ٿا ڪِرڻ ڪان اڳي.

ياڳ پنهنجو بہ پئي کو کُلي هيل شل،
چيٽ جي ڪيٽ جا گُل ٽِڙڻ ڪان اڳي.

هوءَ ڏسي ساهہ اونهو کنيم، هانءُ ڏکيو،
ماني گهرجي محبت ڪَرڻ ڪان اڳي.

ٿي سگهئي، ڪنهنجي رويي مان سمجهڻ جي ڪر،
راز ڇهري تان پڙهجي، چَوڻ ڪان اڳي.

”مير“ توکاڻ پيرون سُکايم مٿي،
آس چت تي رهي، تو اچڻ ڪان اڳي.



## ڄاڻ سڃاڻ

نالو: خادم حُسين جسڪاڻي

ادبي نالو: خادم جسڪاڻي

پيءُ جو نالو: الله بخش جسڪاڻي

جنم تاريخ: 20 جولاءِ، 1975ع

جنم جو هنڌ: جوهي شهر

تعليم: بي.ٽيڪ (اليڪٽرانڪس)

ڪرت: خانگي ملازم

لکڻ جي شروعات: 1990ع.

ڇپيل مواد: سنڌ جي مختلف مشهور و معروف اخبارن ۽ رسالن ۾.

لکيل صنفون: غزل، گيت، وائي، بيت، نظم، ترائيل ۽ چوسٽا وغيره.

لکپڙھ جو پتو: جسڪاڻي محلو، وارڊ نمبر 1، ٽپال گھر جوهي، تعلقا جوهي، ضلع دادو، سنڌ.

رابطي جو نمبر: 03337056667

## غزل

وار ڪليل هن رئو ئي ڪونهي،
چوريءَ ڪي ڪو پئو ئي ڪونهي.

تن جو سوچيو ٿئي، ها جنهن جي،
گهر ۾ چڙهيو تئو ئي ڪونهي.

دريا ڪپ تي پيلا ها پر؟
هاڻ اُتي هڪ لئو ئي ڪونهي.

مزدورن جو ڏينهن ملهائئي؟
جن کي مُيسر ڊئو ئي ڪونهي.

رويا آويءَ جهڙا ”خادم“،
جيون ۾ پيو تئو ئي ڪونهي.

## غزل

نفرت جو ذهنن جي اندر ڇارو ٿي ويو آ،
تن جو اُجرو من جو ڪيڏو ڪارو ٿي ويو آ.

بابو چئي ٿو، شعر لکين ٿو، ڪجهه احساس اٿئي؟
گهر جي ڇت جو ڇيتون ڇيتون گارو ٿي ويو آ.

لوڪ ٻڌي ٿو، ٻوڏ اچڻ سان، ڳالهه هي مجبي پر،
دادو مورو پل جو منظر پيارو ٿي ويو آ.

ڪارو ٻڌجي ڪمري سان جي، رنگ ڏيکاريندو؟
سمنڊ ڪناري رهندڙ ماڻهو ڪارو ٿي ويو آ.

ڏاهر ٻڌجي ڏيهه سمورو هاڻ اٿڻ گهرجي،
ڌرتيءَ تي ابنِ قاسم جو مارو ٿي ويو آ.

رولاڪين پيي رنگ آ لاتو، يار مبارڪ ڏيو،
هي رولاڪ ٻه ڪنهنجي اک جو تارو ٿي ويو آ.

## غزل

زماني جي هرهڪ کهاڻي ڏنئي!
اسان جي اکين جو نہ پاڻي ڏنئي؟

وڇوڙو بہ جڻ آ ولوڙي جيان،
الئہ ڇو نہ من ۾ مانڌاڻي ڏنئي.

پنهنجي شوق خاطر، ٻي شادي ڪيئي،
سمائي جا گهر ۾ نہ نياڻي ڏنئي.

پڇين ٿو تہ ڇا لئہ اُٿي وئين ڇريا؟
نہ روين ۾ پنهنجي ڪانياڻي ڏنئي.

ستارن ڏي ”خادم“ پئي هر هر ڏنو،
اسان ڏي نہ ڇو ڇاڻي واڻي ڏنئي.

# غزل

گاج تو وٽ وهي، ڇڻ تہ مهراڻ آ،
پو بہ ڪاڇي جي اک ۾ ڇو آلاڻ آ.

تنهنجي منشور جي پٽ ڪيان وائکي،
اڄ بہ ڪاڇي جي صنعت وڏي واڻ آ.

يار مُنهنجي جون مستيون بہ ڇڻ گاج جيئن،
پل ۾ ٻوڙيو ڇڏي پياس پيي پاڻ آ.

توکي گورک جي غم جو ڪو غم پيي اٿئي،
جنهن جي واڳن جو والي ڪو اڻ ڄاڻ آ.

پاڻ ڪاڇي جي ڄاڻيي جيان هون پرين،
ٿوري لفظن ۾ ان لئہ هي ڪوڙاڻ آ.

پاڻ ٿوهن ڪي پيي ڄاتو اڪسير ٿي،
هن جي گدري ۾ پيي ڇڻ تہ گدلاڻ آ.

تو نہ نظرون ڪٽي جنهن ڪي پل پيي ڏنو،
سو تہ "خادم" توسان هر گهڙي ساڻ آ.

## غزل

جيت تي مُرڪي، ۽ سڙڪي هار تي،
ضبط ناهي من اندر جي ٻار تي.

نفرتن جو ڪو بہ ويري ڪونہ آ،
آڱريون ساريون ڪڄن ٿيون پيار تي.

اُت ٿي ڦيرا ڏنا چوڦير ها،
ساٿ لوٽين جو ڏنوسين نار تي.

ڪجھ انائن ۽ روين جي سبب،
دوستيون اڄ ڪلھ ٽنگيل هن دار تي.

ڳوٺ ۾ خوشبوءِ ويئي ڦهلجي،
هُن وڌو چولو سُڪڻ لئہ تار تي.

گهر جي ڀاتين سان چڙين هر ڳالھ تي،
چِڙ نہ ايندي ٿئي غلامي گار تي.

## غزل

سر تي آئي ماٺھو آ، ڇا ڇا ڪندو!
ڏک لڳڻ تي وڻ ٻيي آ واڪا ڪندو.

ظاهري تنهنجو پرين مونسان ملڻ،
زلزلا ذهنن اندر برپا ڪندو.

ماڻُ جيئرن ڪي ڏيڻ، اڳ رسم هئي،
هاڻ ورسين تي وتي وهوا ڪندو.

اڄُ خدا جيئن تون متان وسري وڃين،
آسري ۾ ڪيسين ڪو سجدا ڪندو.

تنهنجون تنقيدون بنا اصلاح جي،
توکي تنهنجو هي عمل رُسوا ڪندو.

سنڌ جو پاٽي ڪسڻ وارا، خدا،
تنهنجي گهر جو مٽ شل پورا ڪندو!

مان تہ ”خادم“ هان وفا جو پيشوا
ڇا؟عمر ڀر هُو پيو ڏوڪا ڪندو.

## غزل

منهنجي به يارو آهي هي خاڪ طبيعت،
ڏاڍو رُلائي ٿي مونکي رولاڪ طبيعت.

سپ چاڻ هوندي نانگن سان وير ٿي رکي،
آڙاهه ۾ وجهائيندي بي باڪ طبيعت.

هفتا مهينا ٿي وجن ٿا، منهن نه ٿو ڏسين،
پو خاڪ دوا ڪم ڪري، ٿئي چاڪ طبيعت.

توکان ڇڇان ته ميلي ۾ ڇڻ ڀار گم ٿيل،
تون ساڻ آن گُلن تي ڇڻ ماڪ طبيعت.

سڄڻن جي سٿ ۾ پيي، غيرن سان هڪ ڪرو،
تو جهڙي ڪٿان آڻيان چالاڪ طبيعت.

آوارگيءَ مان ڏاڍو بيزار هان ٿيو،
ڳولي ٿي هاڻ ”خادم“ ڪو ٿاڪ طبيعت.

# غزل

شيشي جي دل ۾ پٿر ميڙين ٿو جهول ۾،
ڪيڏو نہ آ تضاد تنهنجي فعل و قول ۾.

پين جي وجود کي پيي تسليم ڪر چريا،
ڪوڙي انا جي ڪيسين رهندين تون خول ۾.

ٿاريليون ويون پاڻي پيرڻ ڪوهہ تان مگر،
ٻُڪ پيي پيري هُو آيون پاڻيءَ سان ڏول ۾.

تنهنجون خزان، بهارون متجن ٿيون مُند تي،
منهنجون تہ چار موسمون مُنهنجي ئي ڍول ۾.

تنقيد ڪوڪلي ۾ واڪا وڏا ڪرين،
کهڙو مزو اچئي ٿو ڪنهن جي نتول ۾.

هُو گاج کي ٿا روڪن، خاموش هُون اسان،
پاڻيءَ کي پوءِ ڳولجو ڪُڪڙاني سول ۾.

چاهين ٿو تون خبر آ، پر ٿورڙو تہ ڏس،
خوبي نظر چا آيئي "جسڪاڻي" رول ۾.

## غزل

مُک مُک تي مُرڪ جو موڙ هجي،
هت هر ماڻهوءَ جو جوڙ هجي.

درياهہ ٿو ڪِري جيئن سمنڊ اندر،
تيئن يادن جو پيي چوڙ هجي.

ڊوڙي نہ سگهو تہ بہ ايئن هلو،
هي جيون جڻ ڪا ڊوڙ هجي.

هُو ملندو، ڪين الئہ ملندو؟
بس پائڻ جي جاکوڙ هجي.

رولاڪ طبيعت، عشق مٿان،
هي جڻ تہ ڳچيءَ ۾ نوڙ هجي.

”خادم“ جو خون ٿيو آهي،
قاتل ڳولڻ جي ووڙ هجي.

## غزل

ظاهري هو شهر ۾ رهندو آ،
ڏاڍو تنها اندر ۾ رهندو آ.

هُن جو ڪوئي ٺڪاڻو پيو ڪونهي،
هو ته منهنجي نظر ۾ رهندو آ.

ڳاله ٿوريءَ تي روئي ٿو اڪثر،
چا هُو ڪاري ڪکر ۾ رهندو آ.

هونئن ته جيئڻ جي آس پوري ٿي،
ساه هن لئه سفر ۾ رهندو آ.

ڪيڏو محفوظ پاڻ کي پائي،
جا گهڙي پاڪر ۾ رهندو آ.

سور ڪهڙا پلا سلي "خادم"،
جڻ ته جيئري قبر ۾ رهندو آ.

## غزل

هر نئين عيد تي هر نئين سال تي،
ڪوئي مون کي بہ ساري ضروري نہ آ.

مان تہ گمنام ڪائي قبر هان پرين؟
مون تي گُلڙا ڪو هاري ضروري نہ آ.

مئہ اسان لاءِ شايد بڻائي وئي،
ڪو لبن ساڻ پياري ضروري نہ آ.

موڪلائڻ مهل تنهنجو روئڻ چريا،
دوستن کي روئاري ضروري نہ آ.

توکي منزل ملي بس مبارڪ هجئي،
مان بہ پهچان ڪناري ضروري نہ آ.

تو وساريو مگر، تو جيان اي پرين،
توکي "خادم" وساري ضروري نہ آ.

## غزل

وقت نہ ڪنهن سان وير ڇڏيندو،
ساٿ اوهان جو ڪير ڇڏيندو.

هُو تہ هوائن سان هلندو آ،
هٿ تہ دير سوير ڇڏيندو.

جيون آڳر تان هو گُذريو،
يادن جا ويو پير ڇڏيندو.

جنهن جو جيون سرگم آهي،
سو ڪيئن پنهنجي ڇير ڇڏيندو.

ظاهر ۾ هن پاڪر پاتو،
ڇا اندر جي مير ڇڏيندو.

”خادم“ هونئن تہ فنا آهي پر،
پويان پنهنجا شعر ڇڏيندو

## غزل

هُو دل جو ايڏو سخت نہ هو،
بس هُن وٽ مون لئہ وقت نہ هو.

تو نيڻ ها تاڪيا نيڻن سان،
ڪو جڳ ۾ اهڙو پيرت نہ هو.

تون پارس آن پر پھرين ٻُڌ؟
ڇا ڪعبي ۾ ڪو بُت نہ هو.

هُن پيڻ ڪُني هئي ملڪيت لئہ،
غيرت ۾ بي غيرت نہ هو.

هو وچڙي پو پيي جيئن ٿا،
پر پاڻ ۾ ايڏو ست نہ هو.

# غزل

تون پاڻ کان ڏار جو پائئين ٿو،
پاڻيءَ تي ليڪا پائين ٿو.

هڪ شخص نہ مون سان ساڻ هليو،
تون جڳ کي ڪيئن هلائين ٿو.

جنهن ڳالھ کان توکي روڪيو هو،
آدم آن سوئي ڪائين ٿو.

محفل ۾ پنهنجي غير سڏي،
ياري ڪنهن ساڻ نڀائين ٿو.

ڪجھ سيني تي پوکيندين چا؟
روين جا هر هلائين ٿو.

آ ناچ منع، مان ناچُو هان؟
مرضيءَ تي خوب نچائين ٿو.

هي تنهنجو جيئڻ چا معنيٰ،
نہ ئي تڙپين ٿو تڙپائين ٿو.

مون شعر پڙهيو پٿر آڏو،
تاڙي پيي ڪين وڄائين ٿو.

هي عشق بہ ”خادم“ ايئن آ چڙ،
لوڙهي ۾ باھ لڪائين ٿو.

## غزل

ڳالهيون ڪريون ڪجن يا ڪي شڪ لڪائجن،
پر دوستن جا ڪهڙا ڪهڙا ڏک لڪائجن.

تون ٿو چوين تہ چاهتون، لوڪان لڪيل هجن،
نيڻن ۾ پيلا ڪيسين پرين اڪ لڪائجن.

اي وقت وئين گذري سوچان ٿو مان ڪِئين،
ڇهري تي هنيل تنهنجا هي چڪ لڪائجن.

هُن ڪي ڏسڻ سان پل ۾ ويندا ها خاڪ ٿي،
عمرين جا هاڻ ڪاٿي سي ٽڪ لڪائجن.

ڪنهن جي ڪچي ڪرڻ ڪان بهتر آ دوستو!
روين ڏنا جي دل ڪي سي ڏک لڪائجن.

# غزل

تُنهنجي صُحبت جو هي اثر هوندو،
گهر جي هوندي ڪو دربدر هوندو.

مان جي روئندس تہ هيڪلو روئندس؟
پر جي مرڪان تہ گڏ شهر هوندو.

دل جي شيشي ڪي جو پچيندو آ؟
شخص پڪ ڄاڻ سو پٿر هوندو.

مونکي جنت ۾ ڪٿ مزو ايندو؟
منهنجي ڪاڇي ۾ جي ذُڪر هوندو.

لوڪ آڏو تہ مون سان پرتو آ؟
هُن جي دل ۾ اڃان ڪَٽر هوندو.

زُلف رُخ تان هٽيا جيئن هوندا؟
اُپ تي حيران ٿيو قمر هوندو.

ڪنهن جو مُرڪي ملڻ بہ ماڪي ڇڻ؟
ڪنهن جو لهجو ڪڙو زهر هوندو.

راهہ رابيل ٿي وئي آهي،
ڪنهن تہ جوڙي جو ٿيو گُذر هوندو.

## غزل

ٻُڪ سُڪ ڪاتِي روزن آڙ ۾، خوب نڀائي، سوچي ٿو،
عيد ڏهاڙي انگ اُگهاڙا، ڪيئن لڪائي، سوچي ٿو.

روزن جيئن گُذران هميشہ، عيدن ڪان اڻ واقف ماڻهو؟
جيئري ئي ارمان اندر جا سڀ جلائي، سوچي ٿو.

رات چڪي وئي، ڀڪري ڪائي، ننڊ اصل ناهيس،
ماڻهو پئسي خاطر ڪيئن ٿو وڻ وڍائي، سوچي ٿو.

آڳُر ساڳيو، ماءُ بہ ساڳي، شايد پاءُ ٿئي،
عيد ڏِهاڙي ڇو نہ الئہ ٿو پاڪر پائي، سوچي ٿو.

نسلُن جو ۽ فصلُن جو، ها ٻج هُيو پاڻي؟
ڪير آ "خادم" ڌرتيءَ کي ويو ٿوٽ ٻڌائي، سوچي ٿو.

## غزل

وچونءَ وانگي هر پل هٹن ڏنگ ماٺهو،
هي رنگين خيالن جا بي رنگ ماٺهو.

ڪَني ڪانو ٿيا ها، وڏو گوڙ ٿيو هو،
نہ خصلت ۾ بٹجي سگهيا ڪَنگ ماٺهو.

نہ دشمن کي تاڙي سگهياسين او ساٿي،
نہ ذاتين کان اڳتي وڙهن جنگ ماٺهو.

زمينن کي ڪانن سان ماپي ورهائن،
دلين ۾ الئہ ڪيئن ڪڍن دنگ ماٺهو.

خُماريل خُماريل غُلامي اسان ۾،
۽ غيرت کي پياريو وتن ڀنگ ماٺهو.

رڳو انفرادي آ سوچن جو غلبو،
هي نظرين جا ڪيڏا هتي تنگ ماٺهو.

ڏِنو خواب "خادم" حقيقت ٿئي شل،
وتن آجپي لئہ ٿين سنگ ماٺهو.

## غزل

ڪڪائون گھر هوا سان وير، سياڻو ٿي!
ڪنول جذبا ۽ ڄر تي پير، سياڻو ٿي!

هي ڌڪا، ڪيئن نڌڪا ٿيا، خبر ناهي!
هتي پنهنجن ۾ ٿئي ڪي غير، سياڻو ٿي!

مِٺي لهجي جي پٺيان، ٺُوهن جي واڙي،
رکين ٿو من ۾ ايڏي مير، سياڻو ٿي!

اڄوڪي ميل ڪانپوءِ، بس جُدائي آ،
سياڻي يار جيئندو ڪير، سياڻو ٿي!

پياڪن ڪي چُڪي پياريو هليا ويندا،
هيراڪن جي نہ پيچ تون هير، سياڻو ٿي!

◘

## گيت

پينگهہ ڪاتي ٻڌان، ڇانوَ آٽيان ڪٿان!
پير وڍجي وئي پير ڇاٽيان ڪٿان!

تنهنجي دل مان ٻہ چاهت اڏامي وئي،
ڏيهہ واسين وٽي آ غلامي وئي،
هاڻ سوچيان ٿو پهرين پلاٽيان ڪٿان!

سرد لهجن اندر ڪي آ ڇاٽي ڪيو،
تو الئہ چو نہ پاٽيءَ تي پاٽي ڪيو،
تنهنجي چُپ تي بندوقون مان تاٽيان ڪٿان!

چوٽ اهڙي لڳي، دل جا پورا ٿيا،
غم اسان جا زماني ۾ چورا ٿيا،
دل ڇڳي آ، نہ آڪٽ، جو واٽيان ڪٿان!

◘

## گيت


هرڪو الڳ ٿو سوچي آهُون جُدا جُدا،
مقصد سڀن جو ساڳيو راهون جُدا جُدا.

من ۾ ٻري ٿي باهہ سا ڪيئن وسامجي،
ليڊر ڳُٺيان لغڙ ٿي، ورڪر اڏامجي،
پئسي تي ڪجهہ وڪاميا، ڪجهہ نوڪريون وٺي؟
هر ماڻهوءَ جي آ قيمت پيو ٿو وڪامجي،
هت واڪ تي وڪن ٿا ماڻهو جُدا جُدا،
مقصد سڀن جو ساڳيو راهون جُدا جُدا.

درياهہ ۾ ڪسيندا هڪ ڏينهن ڏسجو سڀ،
منڇر ۾ لتيندا هڪ ڏينهن ڏسجو سڀ،
جسقم، محاذ، ايس ٽي پي، گڏجڻ جي ويل آ،
هُو ڊئم ۾ اڏيندا هڪ ڏينهن ڏسجو سڀ،
دُشمن ڪندو اچي ٿو ڪاهون جُدا جُدا.
مقصد سڀن جو ساڳيو راهون جُدا جُدا.

ڪاتيون ڪهاڙا هٿ ۾ هو ٿا ڪنيو وتن،
ڌرتي ڌڻين جا لاشا تحفي ۾ ٿا ڏين،
هڪ ٿي وڃڻ جي ويل آ سستي ڇڏيو سڀئي،
ڌُوتا ٿا ڪن عياشيون مارو بکيا مرن،
ڪيسين ڪنداسين ساٿي داهون جُدا جُدا.

مقصد سڀن جو ساڳيو راهون جُدا جُدا.
هرڪو الڳ ٿو سوچي آهُون جُدا جُدا.



## چاڻ سڃاڻ

نالو: سڪندر علي لنب

ادبي نالو: اداس لنب

پيءُ جو نالو: الهه رکيو لنب

جنم تاريخ: پهرين جنوري، 1973ع.

جنم جو هنڌ: ڳوٺ خان جي ڪُور.

تعليم: پرائمري پاس.

ڪرت: محنت مزدوري.

لکڻ جي شروعات:1995ع.

ڇپيل مواد: سنڌ جي مختلف مشهور و معروف اخبارن ۽ رسالن ۾.

لکيل صنفون: غزل، نظم، وائي، بيت، ٽِ سٽا، هائيڪا، چوسٽا غيره.

لکيڙهه جو پتو: ڳوٺ خان جي ڪُور، ٽپال گهر جوهي، تعلقو جوهي، ضلعو دادو، سنڌ.

رابطي جو نمبر: 03075028950

## غزل

پيار جو ڪو راڳ ڇيڙجي،
جڳ ۾ پيار ڪي پکيڙجي.

ڍير تي قاتل لٽي جيان،
درد ۾ دل ٽي لِويڙجي.

جي سبڻ نٿو پڇي تہ پو،
ڪين ڪنهن جو من اُڌيڙجي.

سنڌ جي حقن جي گهر ڪجي،
پنهنجي قوم لاءِ جهيڙجي.

تو سوا مان ان پٿر مثل،
راھ ۾ جو پيو ٺو ٺيڙجي.

خواب آئيني جيان ٽٽا،
ٽڪرو ٽڪرو ڪيئن ميڙجي.

خواب خواب درد گڏ ڪري،
شاعري ۾ ٿو سهيڙجي.

روز غم ”اداس“ جا ڏسي،
روح روز ٿو اکيڙجي.

◘

## غزل

سنڌ تنهنجا ڇا الم لکان،
صبح شام ويٺو غم لکان.

دوست تنهنجا ڇا ستم لکان،
هر ستم کي ٿو ڪرم لکان.

سنڌ جون پنل اکيون ڏسي،
دل چيو ڪٽي قلم لکان.

مون تي قوم جو ٻہ فرض آ،
صرف توتي ڇو صنم لکان.

گيت وايون بيت هائڪا،
۽ غزل مان دم بدم لکان.

هڪ جنم پيو جنم تہ ڇا،
قوم تي جنم جنم لکان.

شاعري ۾ آ وڌيو ”اداس“،
روشني طرف قدم لکان.

## غزل

سنڌ جيجل جي گهيڙن گهٽن تي لکان،
۽ مان جوهي جي ٽڏڙن مٽن تي لکان.

سونهن تنهنجي کي ڳائي وڄائي ويا،
سنڌ تنهنجي مان راڳين پٽن تي لکان.

صرف محبوب جي سونهن تي ڇو لکان،
ڇو رڳو هن جي زلفن لٽن تي لکان.

اڄ لکان ڪو غزل پيار ۽ امن تي،
روز ٿو هونءَ تہ جهيڙن جهٽن تي لکان.

ٿي حياتيون ڪسي بک بيماري جتي،
ڪاڇي ۽ ٿر جي مان تن پٽن تي لکان.

اڄ سياڻي ڪندي زندگي گذري وئي،
دلربا ڪهڙو تنهنجي وچن تي لکان.

دل چيو آ ڪٺي مان قلم اي"اداس"،
قوم جي درد پيڙا ڦٽن تي لکان.

## غزل

هن سنڌ جي نيڻن مان رڳو ڳوڙهو ڳڙي ٿو،
هي لڙڪ ڏسي غم جو پاڇو دل ڏي لڙي ٿو.

دشمن جا ڪيون پير متان پير جمائي،
ها سنڌ ورهائڻ جي هو سازش ڪا گهڙي ٿو.

بي ڏوهہ ٿو ماريو وڃي ڌرتيءَ جي ڌڻين کي،
روڊن تي نوان لاش ڏسي هانءُ سڙي ٿو.

مون رات ڏٺو خواب اهو آ تہ سنائي،
هن سنڌ مان غيرن ۽ غدارن کي تڙي ٿو.

آئينده نسل تنهن کي پيو ڏيندو ميارون،
هن وقت جيڪو پنهنجي حقن لئہ نہ لڙي ٿو.

چا شعر ٿو ”اداس“ لکي مون نہ پڙهيا هن،
ست ست ۾ پيري ساهہ ۽ هر لفظ جڙي ٿو.

## غزل

کيڏي راحت آ تنهنجي لوليءَ ۾،
لولي ڏني ماءُ سنڌي ٻوليءَ ۾.

ٻار کي ماءُ کان چنو رسمن،
ٻار چنبڙيو گهڻو ئي چوليءَ ۾.

تو سوا ڪنهن تي مون، نہ ڪنهن مون تي،
دوست هاريو آ رنگ هوليءَ ۾.

دل ۾ ڏک جو سمونڊ اڌميو آ،
موتي لڙڪن جا نڪتا چوليءَ ۾.

جو اثر آ قلم اسان جي ۾،
سو اثر ناهہ تنهنجي گوليءَ ۾.

سوچ ۾ گڏ سنائي سان آهيون،
بند هون توڙي هڪڙي ڪوليءَ ۾.

گهرج جنهن جي آ ماني، گهر، ڪپڙو،
مان بہ شامل هان ان ئي ٽوليءَ ۾.

ڪجهہ جواني بہ هئي سٺي گذري،
عشق جهوريو عمر وچوليءَ ۾.

گل خوشين جا سڀئي ”اداس“ ڪٺي،
خار غم جا وجهي وئين جهوليءَ ۾.

## غزل

اڄ سونهن ڪائي پسجي جيئن سوچ من جي مٿجي،
ٻاهر هلون ٿا اي دل برسات ٿوري گهٽجي.

اهڙو مليو آ صدمو هٿ ويا اچي مٿي تي،
شل پيار ۾ ڪو ماڻهو مون وانگي ڪين ڦٽجي.

اڳيان آ ٻاھ منهنجي، پويان آ منهنجي پاڻي،
وڏجي تہ ڪاڏي وڃي هٽجي تہ ڪاڏي هٽجي.

جيون جي هن سفر ۾ آ همسفر ضروري،
ساٿي بنا حياتي ڏاڍي ڏکي ٿي ڪٽجي.

ها سچ چيو آ، چوندس ڦندن مٿان بہ بيهي،
مون لئہ اگر رسو ڪو وٽجي تہ ڀل پيو وٽجي.

چاهت جو ٻوٽو دل ۾ پوکي ۽ پلجي بس،
نفرت جي پاڙ کوٽي ڳولي انهي کي پٽجي.

کهڙي خبر جدائي طوفان بڻجي ايندي،
هر خواب بيوسي جي پيو ڏوڙ ۾ ٿو لٽجي.

◘

## غزل

سچ سپين ڪي ٿو هتي وٽي،
ڪوڙ ٿو اجهو لڏو ڪٽي.

لوڏيان ٿو وڻ نصيب جو،
ڇا ڪيان جي ڦر نٿو ڇٽي.

سر ڏين جي ننگ دنگ تي،
ماءُ اهڙا ڪيئي پٽ ڄڻي.

درد کو پراڻو اڄ ٻه هن،
هانءُ ۾ سنبا پيو هٽي.

تنهنجي پيار ۾ چرين جيان،
آڱريون ”اداس“ ٿو ڳڻي.

## غزل

شاعري هڪ حسين فن آهي،
جنهن سان وندريو پيو هي من آهي.

پيار آهيان رهان ٿو هر هنڌ مان،
ساري دنيا منهنجو وطن آهي.

پاڳ جي وڻ کي مون ڏنو ڏوڪو،
ڦر ڇڻيو ۽ نہ ڇڻيو پن آهي.

بس گهرڻ سان نہ ملندي آزادي،
سر سان ٻڌڻو پيو ڪفن آهي.

سال سارو ٻنيءَ ۾ لوڙيو ٿم،
پن مهينن جو آيو ان آهي.

درد تنهنجو ”اداس“ ڇا هوندو،
گهاءُ جيڪو ڏنو ڳلن آهي.

◘

## غزل

خوف دهشت جاڳي پيوٿو من منجهان،
بوءِ رت جي ٿي اچي روڏن منجهان.

لوڪ ڪان آئون لڪي پيو ٿو ڪڍان،
جي ڪنڌا مونکي لڳا پنهنجن منجهان.

ڪو ڏسي رستو قرارن جو ڪٿي،
تنگ ٿيو آهيان گهڻو دردن منجهان.

سنڌ خاطر جنگ جي ڪئي سون شروع،
گونجندا نعرا اسان جا سن منجهان.

توڙي هٿ ۾ ڪنڌا چپيندا رهيا،
پو بہ ميڙيندو رهيس رستن منجهان.

گهاءُ ڪنهن جي عشق جو ويو آ چٽي،
داغ پر تنهنجو نہ ويو آ تن منجهان.

شال مهڪي سنڌ جو هر هڪ چمن،
گل چٽي مرجهي نہ ڪو گلشن منجهان.

منهنجي تو مان دل ڦڪي ٿي پئي "اداس"،
روز جي مهڻن منجهان طعنن منجهان.

## غزل

پيار جي پينگهہ تي ٿي جواني لڏي،
ها مچيم وچ ڪلي زور تي ٿي ڪُڏي.

عشق آهيان پهاڙن سان ٽڪرايان ٿو،
وڻ مان ناهيان جو طوفان ۾ پيچي ۾ مُڏي.

سونهن وارن جي پيڙي تي مان ڀي چڙهيس،
عشق پنهنجو پرين پو تري يا ٻڏي.

دل چيو آ گُهمون شهر تنهنجو پرين،
پاڻ ايندا سين توڏي سپاٽي جهُڏي.

حسرتن جي پکي جا پٽي پر پرين،
هاڻ چئين ٿو الاءِ نٿو چو اُڏي.

پيار دولت جو محتاج ناهي ”اداس“،
ڪنهن تہ مُرلي ڪنئي بادشاهي ٿُڏي.

## غزل

نہ کيڏو خون جي هولي،
ٻڏايو امن جي ٻولي.

وهي پيا نيڻ ها اُٿلي،
ڏني يادن هئي چولي.

اگهاڙو ڪوڙ تي پيو آ،
ويو ٿس سچ ڪسي چولي.

ڏيندي آ روح کي راحت،
امڙ جنهن جي بہ ڏئي لولي.

پڇيم تنهنجو چڙي هُو چو،
سهيلي تنهنجي ساڙولي.

گلن جي آس هئي جنهن ۾،
ڪنڊن سان تنهن ڀري جهولي.

قلم جا تي بہ ٻالهايو،
اتي خاموش تي گولي.

## غزل

خواب ۾ پئي ڏٺم حور ڪمري اندر،
اک ڪلي هڪڙو هُس مور ڪمري اندر.

در ڪي تالو هڻي مان ستو هوس مگر،
ڪيئن آيا گهڙي سور ڪمري اندر.

وقت ڪي گهرج آ اٿ هلون دار ڏي،
رات آيو هو منصور ڪمري اندر.

روشني جي اگر جي ضرورت پئي،
خود جلائي ڪندس نور ڪمري اندر.

عشق منهنجي جو نوحو چون درد ٿا،
روز هوندو آ عاشور ڪمري اندر.

وقت! مونکان ڪسي زندگي جو مزو،
۽ ڪري وئين ڇڏي جهور ڪمري اندر.

تو مسيحا اچڻ ۾ گهڻي دير ڪئي،
دم ڏنو نيٺ دل چور ڪمري اندر.

## غزل

ڪو بہ منظر نہ تو سوا وڻندو،
دل ٽٽل آهي شهر ڇا وڻندو.

جنهنجو پنهنجن هجي جلايو گهر،
اهڙي ماڻهو کي ڇا ڀلا وڻندو.

لفظ ناهن جو مان بيان ڪيان،
ايترو آهي دلربا وڻندو.

جو وڻي سو ملي ائين ناهي،
سهڻو ماڻهو تہ سڀ کي آ وڻندو.

جنهن ڇمي تنهنجي ڇپن جي خوشبو،
تنهن کي موتيو گلاب ڇا وڻندو.

ڇو پڇين ٿو ”اداس“ جو پو تون،
ناهي توکي اگر مٺا وڻندو.

## غزل

شاعري پنهنجي لاءِ ماني ٿئي،
خوش هي ڪيڏي نہ زندگاني ٿئي.

پيار جي ڏيو نہ ٿا تہ غم بہ نہ ڏيو،
جي اوهان ڪان هي مهرباني ٿئي.

تو سوا پيو نہ ڪنهن کي چاهيندم،
چاهي منهنجي ختم جواني ٿئي.

خواب ۾ روز گڏ ئي گڏ آهي،
جاڳ ۾ چو ٿو دور جاني ٿئي.

حسرتن جا نہ گل اُتي پوکيو،
جي نہ ٿي پاسباني ٿئي.

مسئلا قوم جا لکان ويٺو،
قوم جي پئي ٿي ترجماني ٿئي.

باغ هڪ ڏينهن اُجڙي سو ويندو،
ڪين ٿي جنهنجي باغباني ٿئي.

فڪر نئون شعر ۾ "اداس" ڏنو،
ڪاش اي دوست قدرداني ٿئي.

## غزل

ڳوٺ دلڪش پرين اباڻو هو،
ڪيڏو ماحول دوستاڻو هو.

خواب ايڏو تہ ڪو روئاريو هو،
صبح تائين پڻل وهاڻو هو.

هن جي من مان اُميد جو پنڇي،
آخري ساهہ سان اُڏاڻو هو.

رات هاسين اسان بہ محفل ۾،
حسن وارن جو آجياڻو هو.

گاج آئي وهي پريو منڇر،
ڪالهہ خوش ڪيترو مُهاڻو هو.

نڪري آيس ”اداس“ جنت مان،
تو سوا اُت بہ ساهہ ساڻو هو.

## غزل

محبت ۾ ائين دل رولجي ٿي،
وڃايل چيز کا جيئن ڳولجي ٿي.

ڇلن ٿيون درد جون ڇوليون اندر ۾،
غمن ۾ زندگي ڇاڇولجي ٿي.

اسين ان ديس جا رهواسي آهيون،
جتي چاهت جي ٻولي ٻولجي ٿي.

تڏهن ڪشمير ٿي پوندو آ ڪاڇو،
وهي برسات ۾ نئين سول جي ٿي.

ايئن لڳندو آ، جڻ غلطي ڪئيسين،
جڏهن کا ڳالهه دل جي کولجي ٿي.

## غزل

جي هلبو فاصلا ڪٽبا،
جي ويهبو حوصلا گهٽبا.

اسان ڪان پو بہ ڦل ڏيندا،
ڪي اهڙا خواب هت ڇٽبا.

نہ هُم سوچيو تہ گل ڇُهندي،
ڪنڊن ۾ هٿ بہ ڪو ڦٽبا.

هئي سڏ وقت متبو آ،
نہ هئي سڏ ماڻهون پيي متبا.

گلن ڪي چئو ٽڙڻ ڇڏين،
اگر ٽڙندا تہ پيا پٽبا.

سدا ڏرتي جي دشمن تي،
هي شهپر بڻي پيا وٽبا.

## غزل

اوهان کان پوءِ ٿي نيري،
اکين جي روشني نيري.

لڳي ٿو صبح پيي ڏنڌلو،
لڳي ٿي شام پيي نيري.

چٽايون سپ کسي وئي هوءَ،
ڪري وئي زندگي نيري.

قلندر تان وتم تو لئہ،
ڪنگڻ نيرو سڀي نيري.

سمنڊ نيرو تڏهن تنهن ۾،
ٿي ڏسجي هر مڇي نيري.

اکر ها پين جا نيرا،
نہ هئي پر شاعري نيري.

## غزل

هير ٿڌڙي مٺا گهُلي آهي،
مس وڃي اڄ دري کُلي آهي.

بت ڏکيو آ ڏسي اهو منظر،
هن جي ڇاتي جڏهن ڇُلي آهي.

هو ڇتائي ڀلا ڏسي ڇو ٿي،
تو لڳي ڇوڪري ڀُلي آهي.

تنهن نہ ڀلجي ڪڏهن ڪو هٿ پڪڙيس،
زندگي جنهن پٺيان رُلي آهي.

رات ڪاري ڪري ڪناٺون ڪا،
ڳالھ پاڙي ۾ وئي هلي آهي.

ڇوريون هن ڪيت مان لڏي مون آ،
ڪنهن جي نڪ مان ڪري ڦلي آهي.

لام تي ڏس ”اداس“ ويٺي آ،
ڇو دکي ايڏي بلبلي آهي.

## غزل

محبت سان اچي وئي زندگي ۾ روشني آهي،
محبت کان سوا ماڻهون وساميل ڄڻ بتي آهي.

اجان هڪڙي وساريان مس اچي ٻي ياد ٿي تنهنجي،
اندر ۾ ياد جي اچ وڃ گهٽي ٿاهي ڇڏي آهي.

محبت آ اها پيڙي ويندي آ وهڪرن سان گڏ،
ويندو جنهن طرف آ پاڻي ۾ وهندي جيئن ندي آهي.

هُيس بزمِ حسينا ۾ رڳو زلفن جي هئي خوشبو،
بدن هي روح سوڌو دوستو ويو واسجي آهي.

ملياسين تون ۾ مان جڏهن، سڙي پنهنجا مخالف ويا،
لڳي ائن ٿو انهن ماڻهن تي ڄڻ کا ڇپ ڪري آهي.

## غزل

شاعري اناج ٿي پوي،
هي سڪيو سماج ٿي پوي.

موت ڪان ڇو اڳ مري غريب،
سستو جي علاج ٿي پوي.

سنڌ کي ڇو حق نٿا ملن،
اٿ تہ احتجاج ٿي پوي.

گُهتجي نفرتون مرن هتي،
پيار جو رواج ٿي پوي.

ڇو ڪڏهن اوهان جو او پرين،
ٿو تڪو مزاج ٿي پوي.



## ڄاڻ سڃاڻ

نالو: زين العابدين ڪوسو
ادبي نالو: زين ڪوسو
پيءُ جو نالو: مينهون خان ڪوسو
جنم تاريخ: 5 سيپٽمبر، 1971ع
جنم جو هنڌ: ڳوٺ چينجاڻي
تعليم: ايم. اي ۽ ايل ايل بي
ڪرت: سرڪاري ملازم
لکڻ جي شروعات: 1986:87ع
ڇپيل مواد: سنڌ جي مختلف مشهور و معروف اخبارن ۽ رسالن ۾.
لکيل صنفون: غزل، نظم، وائي، بيت، ٽه سٽا، هائيڪا، چوسٽا وغيره.
لکپڙهه جو پتو: ڳوٺ چينجاڻي، پوسٽ آفيس جوهي، تعلقو جوهي، ضلعو دادو، سنڌ.
رابطي جو نمبر: 03003564002

## غزل

وسارڻ هجي ها جي سولو وساري ڇڏيان ها،
حياتي سڄي مان سوا تو گذاري ڇڏيان ها.

محبت ۾ خطرا لکيا ها تو جيڪي پيارا،
سمورا سي ساڙي هوا ۾ اڏاري ڇڏيان ها.

اچڻ جو هجي ها پتو جي، اکين ساڻ او سهڻا،
سڄي ڳوٺ جون مان گهٽيون ئي ٻهاري ڇڏيان ها.

سويرو پوي ها پتو جي ڪندين ڪار اهڙي،
تہ اڳوات ڪوسا ٻہ ٽي لڙڪ هاري ڇڏيان ها.

رقيبن سان رلجي ڪرين ها نہ بدنام ايئن تون،
سڄو ڏن ۾ تن ڪري تيل ٻاري ڇڏيان ها.

## غزل

جيون سارو سڏڪا آهون،
دل ڪري ٿي دم دم دانهون.

اڄ چاڻ مسافر وانگي آئون،
پلجي ويو هان رڻ ۾ راهون.

هر هر ياد اچن ٿيون تنهنجون،
مونکي مٺڙا گوريون ٻانهون.

مُنهنڙو موڙي مُرڪي گهورڻ،
منهنجي دل تي ڦهري ڪاهون.

تنهنجون چنچل شوخ ادائون،
برهه ۾ ٻڙڪائن ٿيون ٻاهون.

## غزل

ڪمرو، تصويرون ۽ تنهائي،
سپنا، تعبيرون ۽ تنهائي.

ڏک ڏولاون ۾ آهي جيون،
چچريل تقديرون ۽ تنهائي.

محب رنو آهي، پرڇائڻ لاءِ،
سوچون، تدبيرون ۽ تنهائي.

اکين آڏو ڏنڌلو عڪس هو،
ٽيڙيون لڪيرون ۽ تنهائي.

يادن کي ساري ”زين“ رنو آ،
مؤثر تحريرون ۽ تنهائي.

## غزل

گل تڙي پيا پرهه ڦٽيءَ جو،
لڙڪ لڙي پيا پرهه ڦٽيءَ جو.

اهنجن جا اڄ تنهائي ۾،
ساز ڇڙي پيا پرهه ڦٽيءَ جو.

هٿڙن ۾ ڏس، گل چوندينديءَ،
خار گهِڙي پيا پرهه ڦٽيءَ جو.

ماڪ جي صورت ۾ ٻِلڙن تان،
لڙڪ ٻڙي پيا پرهه ڦٽيءَ جو.

ڇهه ڇهه ڪيڏي، پوءِ به ڪوئل جا،
ڦٽ ڪُري پيا پرهه ڦٽيءَ جو.

## غزل

ايڏو ڇا لئہ ويٺو آهين اداس،
ڇا هي دنيا توکي آئي نہ راس؟

ڪيڏا طبقا ٿي ويا ماڻهن ۾،
ڪو آ عام تہ ڪو آ خاص.

جڳ ۾ نفرت جي آ بوءِ وڏي،
ڪنهن ۾ ناهي يارو چاهت واس.

وقت ڏڪي ٿو، هرڪو آ مشغول،
ڪنهن کي ناهي ڪنهنجو احساس.

ماڻهن جا لامارا ماڻهن تي،
هڪٻئي جو پٽن پيا ٿا ماس.

## غزل

حسينن کان ڪبي ڪهڙي شڪايت،
رُئاري چڏڻ آ انهن جي روايت.

اسانجو خير آهي جي مئاسين،
هجين سهڻا سدائين تون سلامت.

ڪٽي ڪاوڙ منجهان نظرون نهاريو،
اِها ئي آ وڏي اوهانجي سخاوت.

گهڙي جا تون وڃين ڏور مون کان،
سائي مون لئہ ٿي بڻجي قيامت.

## غزل

گهر جا ڪمرا خالي خالي،
سوچون چهرا خالي خالي.

بن خوشبو جي ڪاغذ جا گل،
موتيا مگرا خالي خالي.

منجهہ حويلي سوچي سپنا،
ٻاهر پهرا خالي خالي.

ڏي ڪا شاعر سوچ سگهاري،
لفظ نہ دهرا خالي خالي.

## غزل

روڪ پنهنجي سار جي تون ڇاڙ ڪي،
يا تہ ديد جي پوري ڪر تون ڀاڙ ڪي.

الفتن ڪي الوداع ڇا لئہ ڪريون،
يار ساڙيون نفرتن جي ساڙ ڪي.

پوئتي ڇو ڌڪيو ويو آ سنڌ جي،
ٿر، سرو، ڪاڇو، ڪڇو ۽ لاڙ ڪي.

عشق جو اوٿر اٿيو اهڙو اٿئي،
ڌوڏي رسمن جي ڇڏيائين پاڙ ڪي.

هوش آيو جوش ٿاهيو دوستو،
ڪين سهبو هن ڌڙا ڌڙ ڌاڙ ڪي.

روز مارو ٿا مرن تو ڇا ڪيو؟،
بند ڪر پنهنجي لٻاڙي ڏاڙ ڪي.

# غزل

ڳاڙهن ڳلڙن مان جرڪي پيو ٿو جوڀن،
جاڙن جبلن مان جرڪي پيو ٿو جوڀن.

ويجهو ويهہ اچي، سرڪي منهنجي سامهون،
نازن نخرن مان جرڪي پيو ٿو جوڀن.

چيڙيان چوريءَ ڪي، چرڪي ٿي پئي،
انهن چرڪن مان جرڪي پيو ٿو جوڀن.

“دل جو شهزادو نيٺ تہ ملندو مونکي”،
سندر سپنن مان جرڪي پيو ٿو جوڀن.

روز بيهي ٿي هو آئيني جي سامهون،
پنهنجي درشن مان جرڪي پيو ٿو جوڀن.

آڏا ٽيڙا لڪ، وادي ساري ساوڪ،
ڪرندڙ چشمن مان جرڪي پيو ٿو جوڀن.

موهي ڇڏيو آ شاعر تنهنجي شعرن،
گيتن، غزلن مان جرڪي پيو ٿو جوڀن.

## غزل

سال صديون ٿي ويا،
پيار پتيون ٿي ويا.

زندگي جا سپ لمحا،
زهر وٽيون ٿي ويا.

سونهن جو ڏس ڪرشمو،
گهاٽ گهٽيون ٿي ويا.

هو نہ آيو آ اجان،
چيٽ ڪتيون ٿي ويا.

چا پڏايان ڪيترا،
چاهہ چتيون ٿي ويا.

چين ناهي ڪا گهڙي،
ساهہ سسڪيون ٿي ويا.

## غزل

مزو ناهي نظارن ۾،
رهان توبن خمارن ۾.

جڏهن کان ٿي جدا آهين،
جلي دلڙي شرارن ۾.

ڦُٽا گُل پر بنا خوشبو،
رُکا رنگ سڀ بهارن ۾.

هزارين پيا حسن وارا،
اُتم آهين هزارن ۾.

ڪري اظهار دل جو ٿي ،
اشارن ئي اشارن ۾.

لُڪيو آهيان ستو ناهيان،
ڏٺم توکي ستارن ۾.

## غزل

هُو نچي جڏهن ڇير پائي پير ۾،
روح رهڙيو ڄاڳري ڄڻ پير ۾.

مُرڪ مُنهن تي، لڙڪ نيڻن ۾ لڪل،
سوز ڪيڏو آهه ڇسي هن ڇير ۾.

هوشمند بيهوش هِن جي سونهن تي،
ڪو نه سمجهيو درد هيڏي دير ۾.

باز وانگر جهول ۾ هُن ڪي جهٽي،
ڪيو اضافو ڪنهن ته من جي مير ۾.

نرم نازڪ بستري تي هو ڪِري،
نانگ هن ڪي آندو پنهنجي گهير ۾.

# غزل

روز ساريندو هوندين مٿا،
پڪ پڪاريندو هوندين مٿا.

چين ناهي ڪا گهڙي تون پيي،
لڙڪ هاريندو هوندين مٿا.

واٽ ويٺو تڪيان تون ٻہ اِئين،
گس نهاريندو هوندين مٿا.

نانءُ منهنجو لڪائي گج تي،
پوءِ پائيندو هوندين مٿا.

گيت ڪو غزل منهنجو پڙهي،
هانءُ ٺاريندو هوندين مٿا.

زندگي لڳندي هوندئي زهر،
ڪيئن گهاريندو هوندين مٿا.

◘

## غزل

ڪنهنڪي چاهڻ ڏوهه تہ ناهي،
ماري جو سو موهه تہ ناهي.

اُٿلي ساگر ٻوڙي ساحل،
ڇوليءَ جو سو ڇوهه تہ ناهي.

دل کي ايذا درد نہ ڏي تون،
دل آ هي، ڪو روهه تہ ناهي.

ڪيسين سهندي سور وڇوڙو،
جان اسانجي لوهه تہ ناهي.

دل ڦُري وئين زوري ”زين“ ڪان،
اجان پُڇين ٿو ڌوهه تہ ناهي.

◘

## غزل

پياري پنهنجي پريت ڪهاڻي،
بيت غزل هر گيت ڪهاڻي.

ناز پلي ڪر، نازن وارا،
ڪاوڙجڻ جي ريت پراڻي.

ياد اڄي هُئي، جيءُ جليو هو،
تون جو آئين آڳ اُجهاڻي.

دل سان دل ڳنڍي سونهن جا سائين،
پوري ڪر هي آس نماڻي.

هر چيز ٿيندي نيت فنا،
ليڪن ناهي پيار پڄاڻي.

## غزل

ڪوڙي دنيا ڪوڙا ماڻهو،
انڌا گونگا ٻوڙا ماڻهو.

جڳ ڪي جيڪي سمجهيا ڪينڪي،
توڙي ٿي ويا پوڙها ماڻهو.

ڪنهنڪان ڪوئي ڪين پڇي ٿو،
چوٿو ڳاڙي ڳوڙها ماڻهو.

پنتي آهيون پاڻ اڃان پي،
ترقي ڪري ويا اوڙا ماڻهو.

قاتل سورهيہ سرويچ ڪُتا،
هر هنڌ هائي گهوڙا، ماڻهو.

بک ۽ بدحالي منجھ مئا،
پائي ڳچي ۾ ٺوڙها ماڻهو.

## غزل

تنهنجي مجبوري سمجهان ٿو،
مونکان هي دوري سمجهان ٿو.

ڏوهه نه تنهنجو ڪوئي آهي،
ڳالهه سموري سمجهان ٿو.

شايد ملڻي ناهين مون کي،
ها آس اڌوري سمجهان ٿو.

منهنجا ڀاڳ سڪي جا پاسا،
هي اڪر ڀوري سمجهان ٿو.

گهاٽي ۾ جڙ گهاريو هوندئي،
هر ساعت مون ري سمجهان ٿو.

## غزل

پيار ڏئي پو ڏار ڪرڻ ڪي چا چئجي،
سونهن هوندي سينگار ڪرڻ ڪي چا چئجي.

شرميلي آ، تڏهين ڪين ڪڇي ٿي،
اکڙين سان اقرار ڪرڻ ڪي چا چئجي.

ناري ڪائي پڪڙي ويئي پيار ڪندي،
ماڻهن جي سنگسار ڪرڻ ڪي چا چئجي.

هن جي يادن ڪان پل پل ناهيان واندو،
حد ڪان وڌ پيار ڪرڻ ڪي چا چئجي.

جوني جڳ ۾ ڪير بہ ناهي ڪريل جو،
چڙهيل سان سهڪار ڪرڻ ڪي چا چئجي.

## غزل

دل تي منهنجي باغ بهار،
سندر تنهنجي نيڻ نهار.

رات سڄي آ لوچ لڇايو،
پل پي آيو ڪونہ قرار.

شيشي جهڙو صاف شفاف،
تنهنجو منهنجو پاڪ پيار.

مجبورين جي ڪن ۾ قاتل،
عشق جي ٻيڙي پار اڪار.

ٻاڪر بوسا ڪوسا ڪوسا،
مونڊي تنهنجا ڪوڙ اڏار.

سگهڙي اڄ تون ساهہ سڪي ٿو،
مور نہ مونکان ڏار گذار.

”زين“ ڪي وچ ديدار ڪراءِ،
مونڊي واپس موڙ مهار.

## غزل

منهنجا سارا خط ساڙي ڇڏ،
تصويرون پيي تون ڦاڙي ڇڏ.


الزام جفائن جا سارا،
منهنجي ڪاتي ۾ چاڙهي ڇڏ.

پنهنجي پيرن هيٺان پيارا،
جذبا ايئين نہ لتاڙي ڇڏ.

دل جو هلڪو بار ڪرڻ لئہ،
”زين“! بہ ڳوڙها پل ڳاڙي ڇڏ.

## وائي

سهڻا تنهنجي سڪ،
هُر ڪُر لائي هينئڙي.
ساري گهاريل ساعتون،
ويتر وڌي چِڪ،
هُر ڪُر لائي هينئڙي.
دوري دلبر ايئن جڻ،
پاري پيونءِ جي پِڪ،
هُر ڪُر لائي هينئڙي.
ڳايان تهنجون ڳالهڙيون،
منديءَ تي جيئن ٽڪ،
هُر ڪُر لائي هينئڙي.
صبح سانجهي سورن جو،
جيون ڳاڙو ڏڪ،
هُر ڪُر لائي هينئڙي.
منهنڙو متبو ڪيئن متا،
جڳ ۾ تون ئي هڪ،
هُر ڪُر لائي هينئڙي.



## ڄاڻ سڃاڻ

نالو: غلام حيدر لغاري

ادبي نالو: **گهايل لغاري**

پيءُ جو نالو: فيض محمد لغاري

جنم تاريخ: 15 نومبر، 1976ع

جنم جو هنڌ: ڳوٺ بچل لغاري

تعليم: بي. اي

ڪرت: سرڪاري ملازم

لکڻ جي شروعات: 1990ع

مرتب ڪيل ڪتاب: امن جو پورٽريٽ

مليل ايوارڊ: 1) ”جشن لطيف ايوارڊ“ 1996 پاران (سينوا) سنڌ سيڪريٽيريٽ نان گزيٽيڊ ويلفيئر ايسوسيئيشن ڪراچي سنڌ.

2) بهترين ڪارڪردگي ايوارڊ 2016ع ضلعا رابطا سيڪريٽري، سنڌي ادبي سنگت سنڌ.

ڇپيل مواد: سنڌ جي مختلف مشهور و معروف اخبارن ۽ رسالن ۾.

لکيل صنفون: غزل، نظم، وائي، بيت، ٽه سٽا، هائيڪا، چوسٽا وغيره.

لکپڙهہ جو پتو: ٽپال گهر جوهي، تعلقو جوهي، ضلعو دادو، سنڌ.

رابطي جو نمبر: 03068592911 ۽ 03103405607

## غزل

درد جوڀن جو روپ بدلايو،
آئيني ڪيڏو آھ تڙپايو.

عشق مشتاق سونهن جو آهي،
عاشقن جون ڪٿائون اٿلايو.

خوشبو جانب جي جسم جي آهي،
بند در ۾ دري تہ کولايو.

زندگيءَ ۾ نوان ٿو رنگ ڀري،
روشني جيئن پيار ڦهلايو.

چاند پائي ٻڇيءَ ۾ ليلائي،
سھڻو سورن سان آھ پرچايو.

قرب ڏيو يا نہ ڏيو مگر”گھايل“،
منهن ڏئي ڪو تہ لفظ ٻالهايو.

## غزل

يادن جو پڙلاءُ ڏئي ويو،
گهرو گهرو گهاءُ ڏئي ويو.

ڪير ڇئي ٿو، آٿت ڏئي ويو،
هو تہ رڳي پڇتاءُ ڏئي ويو.

اڄ ميو مون پيار گهريو پر،
دردن جو هو داءُ ڏئي ويو.

”هاڻ نہ وربو، آنءُ وڃان ٿو“،
کهڙو ڏس سوداءُ ڏئي ويو.

اڳيئي سڪ ٿي سينو ساڙيو،
ويتر تن ۾ تاءُ ڏئي ويو.

پاڻ سڃاڻو، پنهنجي ٻاريو،
”گهايل“ هي ورجاءُ ڏئي ويو.

## غزل

پيار مونکي انيڪ ڏي پيارا،
هاڻ لڙهيل کي ٽيڪ ڏي پيارا.

هوش مون ۾ رهي نہ ڪو باقي،
اهڙي چاهت جو پيڪ ڏي پيارا.

تاب تنهنجو نہ ڪٿ وجهي ساڙي،
ايئن نہ جلون جو سيڪ ڏي پيارا.

منهنجي جيون ۾ چانورو ٿا ڪن،
زلفن کي چوڙي چيڪ ڏي پيارا.

سنڌ لاءِ جاڳ چوچڙي ٻڄي،
دشمنن کي ڪو سيڪ ڏي پيارا.

محبتون اڄ ڪٽي وڃي "گهايل"،
تون ڪري دل ۾ پيڪ ڏي پيارا.

* پيڪ: پيگ جي بگڙيل صورت معنيٰ شراب
** پيڪ: بند.

# غزل

سونهن ڪيڏو سرور آندو آ،
عشق مون ۾ شعور آندو آ.

هي انا جي تباهہ ڪاري جو،
الفتن ۾ فتور آندو آ.

دلبري ڪانہ ٿي ملي ڪٿ پيي،
من ۾ ماڻهن ڪلور آندو آ.

مون خدا کي ڏٺو آ بندي ۾،
نينهن نيڻن ۾ نور آندو آ.

احمقن پيار ڪان ڪري نفرت،
زندگين ۾ نٿور آندو آ.

سونهن! پائي سگهيس نہ مان توکي،
پر اثر تو ضرور آندو آ.

زلف آرس پچين ٿا ”گهايل“،
حسن ڪيڏو غرور آندو آ.

## غزل

منهنجي دل جي جناب خاني ۾،
ڪوڙ سارا عذاب خاني ۾.

مان سدائين مست مست ٿو رهان،
تنهنجي اک جي شراب خاني ۾.

حسن جي نور کي ڏنوسين پئي،
ننڊ! تنهنجي ئي خواب خاني ۾.

عڪس خوابن جو ميٽجي ويندو،
مان رکان ڪيئن آب خاني ۾.

حسن ڏسبو ڪڏهن آئيني ۾،
ڪجھ لڪائي حجاب خاني ۾.

تون جو عملن سچو رهيو ناهين،
تنهنجا نظريا خراب خاني ۾.

هڪ نظر ۾ ”نظر“ جهپي ويو دل،
چڙ رهيو آ عقاب خاني ۾.

اک حيا ۾ پڏل ڏني ”گهايل“،
راھ ويندي نقاب خاني ۾.

نظر: وفا نظر حسين شاهاڻي، منهنجو پيارو دوست.

## غزل

پاڻ هن جي نهار تي پياسين،
پن ڇڻي ۾ بهار تي پياسين.

حق طلبي گناهه جڻ ڪو ٿيو،
ان ڪري داغدار تي پياسين.

روپ رهبر جو رهزني نڪتو،
ديس سان گڏ شڪار تي پياسين.

پنهنجي خوابن جو موت تي پيو آ،
اڄ تڏهن سوڳوار تي پياسين.

سونهن! تنهنجي هٿان محبت ۾،
جيت هوندي بہ هار تي پياسين.

فطرتن گل ٿيا لڳون "گهايل"،
لوڪ جي لاءِ خار تي پياسين.

◘

## غزل

ٻري مون ڪئي روشنائي زمانا،
لڇان ٿو ڪکي پئي چڱائي زمانا.

وڏا ٿهڪ ڏئي، ڪوڙ خوشيون ملهايون،
صليبن تي لٽڪيل سچائي زمانا.

صدين جي سمايل آهي اڄ اندر ۾،
اڃان پيار سرڪي سوائي زمانا.

اندر جون اکيون ڪول ونحن و اقرب،
انهيءَ ۾ سڄي آ خدائي زمانا.

جڏهن سچ چوڻ دوستن کي لڳاسين،
ڏنگيندي رهي هيڪلائي زمانا.

اسان نور چئون ٿا بشر ناهي آقا،
اوهان جي اکين ۾ انڌائي زمانا.

ڏسون اڄ به ٿا ڪربلا آ لڳي پئي،
قهاري ۾ ڪانهي توائي زمانا.

◘

## غزل

وقت جي گهڙيال جي ٽِڪ ٽِڪ،
سنڌ! تنهنجي خيال جي ٽِڪ ٽِڪ.

راحتن کي کنهن ڏنو آهي،
آدمي بي حال جي ٽِڪ ٽِڪ.

تون جي نظرون کڻي نهارين ٿي،
منظرن ۾ ڪمال جي ٽِڪ ٽِڪ.

پيارين بي معنيٰ ٿو لڳين،
عاشقي جي حال جي ٽِڪ ٽِڪ.

فَاذ ڪُرني اذ ڪُرُ ڪم،
ذهن ۾ لچپال جي ٽِڪ ٽِڪ.

سک پهاڙن تي سمهي پيو آ،
ڏيهه ۾ جنجال جي ٽِڪ ٽِڪ.

تون رسائي ڪان پري آن فلڪ،
پونءَ تي پونچال جي ٽِڪ ٽِڪ.

## غزل

پنهجائپ جا رشتا ٽانڊا،
مون لئہ سارا رستا ٽانڊا.

چاهت جا گل ڪومائن پيا،
محبوبن جا رويا ٽانڊا.

درد جي اهڙي شدت پانيم،
نيڻئون نڪتا ڳوڙها ٽانڊا.

منهنجي من کي چرڪائن ٿا،
ڀروپين جا پاڇا ٽانڊا.

آسون ساڙي رک ڪيائون،
يارن جا ها لهجا ٽانڊا.

هن کي هٿ ۾ ڏيندي ٿي ويا،
”گهايل“جا گل دستا ٽانڊا.

## غزل

سڪ ۾ پيار مان سڏي ڪوئي،
دل ٻَنل ڪي اچي اڏي ڪوئي.

دل ڪي تنهائي پئي ڪپيندي آ،
ساٿ ڪنهنجو نہ شل ڇڏي ڪوئي.

آهي واريءَ جي مُٺ جيان جوڀن،
حُسن تي ايڏو ڇو پڏي ڪوئي.

درد پنهنجن ڏنا اٿس شايد،
اڄ ٿو مجبور ٿي لڏي ڪوئي.

روح ڪي راحتون ملن موٽي،
پنهنجي سٽ ۾ ڪٽي گڏي ڪوئي.

## غزل

وڇوڙي ساهہ ساڙيو آ،
جِئين سيءَ گاهہ ساڙيو آ.

جسم هو طور سينا جيان،
حُسن جي باهہ ساڙيو آ.

سجڻ جي آڌتن اڄ ڇو؟
منهنجو ويساهہ ساڙيو آ.

هوا جي اک ڏيئي تي هُئي،
تڏهن اونداهہ ساڙيو آ.

تڏهن آ دل منهنجي ”گهايل“،
جو عشق اٿاهہ ساڙيو آ.

## غزل

دربار عشق جي ۾ مهمان ڪيترا،
تنهنجي حُسن تي ٿي پيا مستان ڪيترا.

درياهہ درد جو هي سيلاب آٽيندو،
هن ساهہ کي ٻڏڻ جا امڪان ڪيترا.

آڙاهہ نفرتن جا ٻارين ٿا پيا،
انساني روپ ۾ هي شيطان ڪيترا.

اڄ پنهنجي چاهتن جا گل پوک تون پرين،
گلشن اسان جا رهندا سنسان ڪيترا.

ملندين تہ دوست پاڻ ئي محسوس تون ڪندين،
”گهايل“ جي دل ۾ آهن ارمان ڪيترا.

## غزل

وقت جو انتظار ٿا ڪريون،
نيڻ هي اشڪبار ٿا ڪريون.

هي حياتي حسين ٿي پئي آ،
عشق پروردگار ٿا ڪريون.

سونهن مدهوش ٿي ڪري تڏهين،
پاڻ کي بي قرار ٿا ڪريون.

تون رڳو اچ پرين اسان جي تر،
رُت خزان کي بهار ٿا ڪريون.

پنهنجي مقدر کي ئي چرو لڳندو،
رهزنن کي ڏنار ٿا ڪريون.

ڳل چهڻ جي خطا تي”گهايل“،
معذرت بار بار ٿا ڪريون.

## غزل

اسان وٽ سونهن آئي آ، لڳي ٿو عشق پيي ايندو،
محبت جو هي مئخانو نگاهن ۾ مچي ويندو.

اسان جو حوصلو آهين، اسان جو ولولو آهين،
اسانکي جي ڇڏيندين تون اسانکي ڪير سنڀاليندو.

گهڙياسين عشق جي دريا ۾ سهڻي جيان ٻڏي سندرو،
سچائي جو ٻتيلو آ ڪناري تي پڄائيندو.

وڇوڙي جو اندر ۾ آ وڏو طوفان جاڳي پيو،
لڳي ٿو هن حياتي جي ڏيئي کي ئي اُجهائيندو.

اسان "گهايل" وساريل ورق جي آهيون تہ غم ناهي،
اميد آهي اُهو ماضي جي الفت کي سنڀاريندو.

## غزل

دوستي ۾ دغا ڏسان ويٺو،
حق ۽ سچ کي گهُٽتا ڏسان ويٺو.

گهر خدا جي وجان بہ وجان ڇو؟
تن من ۾ خدا ڏسان ويٺو.

بس حسين ئي ڪونهي، يزيد گهڻا،
هر گهٽي ڪربلا ڏسان ويٺو.

پيار ٿيو شرمسار ڪورٽ ۾،
سونهن ڪاڏا ڌڪا ڏسان ويٺو.

پيار! توکي گناهہ سمجهن ٿا،
ڪوڙ ڪافر ڪتا ڏسان ويٺو.

چاهہ ناهي ندي وجي گهٽجي،
دل ۾ دريا وڏا ڏسان ويٺو.

صرف ”گهايل“ نہ پيار جو پياسو،
ڪوڙ تارا تسا ڏسان ويٺو.

## غزل

سونهن ڏي دل رسا چنائي ٿي،
حوصلا عشق جا وڌائي ٿي.

چپ ڪتي، چپ سبي ڇڏيا ظالم،
رات ڪاري گهٽو ستائي ٿي.

سونهن ۾ مون ڏٺو خدا آهي،
مرڪي پنهنجي اکيان جهُڪائي ٿي.

ڌرتي پيرن هيٺان ٿي کسڪي پئي،
قوم تاڙيون اجان وڄائي ٿي.

ياد دل جي اڃي غفائن ۾،
روح جي روشني وڌائي ٿي.

هُو نہ سمجهي سگهي سرابن ۾،
عمر واري پٽيان وڃائي ٿي.

شل ملاقات ٿي پوي ”گهايل“،
هي جدائي تہ روز گهائي ٿي.

## غزل

نيڻ تنهنجا خمار آڇين ٿا،
زندگي کي قرار آڇين ٿا.

پاڻ گل هٿن ۾ کڻي ٿا ڏيون،
پو ٻہ عيوض ۾ خار آڇين ٿا.

خواب رت ۾ رڱي سدا آمر،
خزان جهڙي بهار آڇين ٿا.

حب پنهنجي اندر ۾ ترسائي،
عمر جو انتظار آڇين ٿا.

هي ڪيڏي نہ خوش نصيبي آ،
پنهنجي ٻانهن جو هار آڇين ٿا.

توکي خاموش رهڻو آ ”گهايل“،
پر ڪٿي، جي اڌار آڇين ٿا.

## غزل

مون مان هُن جو ڏيان متجي ويو،
پل ۾ سارو جهان متجي ويو.

ماڻڪن سر صليب تي رکيا،
ڪائرن جو بيان متجي ويو.

هُن پيريا پير پيار مان جڏهين،
درد جو داستان متجي ويو.

روبرو سونهن جا پسي جلوا،
زندگي جو گمان متجي ويو.

پيار ۾ پاڻ اپ کي ڇُهنداسون،
ڏئي وفا جي زبان متجي ويو.

مان پُڇس آسري صدارت جي،
ها مگر ميزبان متجي ويو.

## غزل

اسان کنهن انتظاري ۾،
اکيون هن اشڪباري ۾.

اسان جو چاهه ڦٽڪي ٿو،
اوهان جي بي قراري ۾.

اسان الفت جي ڳالهين ۾،
زمانو انتشاري ۾.

ڏسون ٿا ڏينهن جو اوندهه،
رهون ٿا رات ڪاري ۾.

چمن مالهي اجاڙي ٿو،
ٽڙن گل ڪيئن ٽاري ۾.

وطن آزاد ٿو گهرجي،
هُلايو سنڌ ساري ۾.

تريلي ٻار جيان ”گهايل“،
اسان جو پنڌ واري ۾.

## غزل

حياتي سوپاري ڪندو هل پرين،
وفا جي اوساري ڪندو هل پرين.

خزان حرڪتن ڪان مُڙي ڪانه ٿي،
تُون مرڪي بهاري ڪندو هل پرين.

دنيا جُون وانگي ٿي ساڙي بدن،
ملي برف باري ڪندو هل پرين.

ڏيئو حق ۽ سچ جو وسامي پيو،
تون ٻارڻ جي تياري ڪندو هل پرين.

حُسن جي مُريدن ڪي مستي به ايندي،
فقط فيض جاري ڪندو هل پرين.

◘

## وائي

اهڙي آئي پوڻ،
جذبا سپ لڙهي ويا.
سپ ڪجهہ ٿي تباهہ ويو،
ٻچيون سپيون ڪوڻ،
جذبا سپ لڙهي ويا.
حال اسان جا هي آهن،
گنجي ڦاٽل گوڻ،
جذبا سپ لڙهي ويا.
دل ۾ ڪانهي ڪا خوشي،
ڪهڙي هٽجي هوڻ،
جذبا سپ لڙهي ويا.
سنڌ سنڌ چڪنا چور ٿيو،
وسري وئي لوڻ،
جذبا سپ لڙهي ويا.
سانوڻ جيئن "گهايل" رُنو،
ڳوڙها ٻٽيا پوڻ،
جذبا سپ لڙهي ويا.

# سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book


ڊاڪٽر مشتاق ڦل